# پنهنجي طرفان ....

## سهڻي ۽ اڳتي قدم تي پابندي

▲ ماهوار ’سهڻي‘ جا ايڊيٽوريل ڪجهه مهنن کان پڙهندڙن ڏاڍا پسند ڪيا آهن. انهن پسند ڪندڙن ۾ شيخ اياز، پير حسام الدين شاهه راشدي، غلام محمد گرامي، محمد عثمان ڏيپلائي، رسول بخش پليجو، تنوير عباسي، آغا سليم، آمر جليل، قمر شهباز ۽ امداد حسيني جهڙا وڏا ليکڪ به شامل آهن، ته نوان ليکڪ ۽ پڙهندڙ به. ايڊيٽوريل کي پسند ڪرڻ جو سبب اهو آهي ته انهيءَ ۾ وقت جو آواز آهي، سنڌ جي سجاڳيءَ جو پيغام آهي، ڪي حقيقتون آهن ۽ سنڌ سان ٿيل زيادتين جو ذڪر آهي. مان ڪنهن بهخوشفهميءَ ۾ مبتلا نه آهيان، نه اهو سڀ ڪجهه قوندرَ ۾ پرچي چئي رهيو آهيان. نه، اهڙي ڪابه ڳالهه ڪانهي. ڪجهه عرصو اڳ ’روح رهاڻ‘ مخزن ۾ ’حميد سنڌي‘ به مسلسل ڏاڍا سٺا ايڊيٽوريل لکيا هئا، انهن ايڊيٽوريلن کي به سيني وڏن ليکڪن، نون ليکڪن ۽ پڙهندڙن ڏاڍو پسند ڪيو هو. جيئن اڄ ليکڪن ۽ پڙهندڙن سهڻيءَ کي هڪ ’تحريڪ‘ جي نالي سان نوازيو آهي. ڪڏهن اهو نالو ’روح رهاڻ‘ کي ڏنو ويو هو. روح رهاڻ واقعي تحريڪ هئي. هن فقط چٽنگ نه ڏني هئي، بلڪ باههِ جا پنيٽ ٻاري ڇڏيا هئا. ۽ انهيءَ چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي، ته ون يونٽ جي ٽٽڻ ۾ ’روح رهاڻ‘ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. چاڪاڻ ته روح رهاڻ جا ايڊيٽوريل يا جيڪي لکڻيون روح رهاڻ ۾ ڇپيون هيون، انهن سنڌي قوم ۾ وڏي سجاڳي آندي. ماڻهن ۾ هوش آيو، جوش وڌيو، تحريڪن جنم ورتو ۽ نيٺ ون-يونٽ جو قهري ڪوٽ ڊهي پٽ پيو.

▲ پر ڪٿي آهي اڄ ’روح رهاڻ‘ ۽ ڪٿي آهي ’حميد سنڌي؟‘ حميد سنڌي خدانخواسته گذاري ڪونه ويو آهي، اڃا جيئرو آهي. البت روح رهاڻ تي ايوبي آمرانه دؤر ۾ پابندي وڌي وئي. انهيءَ جو عظيم ڏوهه فقط اهو هو ته هنَ سنڌي قوم کي جاڳائڻ جو ناقابل معافي ڏوهه ڪيو هو. روح رهاڻ بند ٿي وئي. حميد سنڌي خاموش ٿي ويو. پر اُهي وڏا ليکڪ اڃا به جيئرا آهن، اڃا به سنڌ تي لکن پيا. نوان

لکندڙ بہ اچا آهن. پڙهندڙ بہ اچا آهن. پر ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ روح رهاڻ بند ٿي، جن وڏي واڪ اهو ٿي چيو تہ: روح رهاڻ هڪ تحريڪ آهي، روح رهاڻ سنڌ آهي. انهيءَ سنڌ تي جڏهن پابندي پئي، تہ سنڌي ائين خاموش رهيا، ڄڻ روح رهاڻ سنڌ جي سچن مخزن نہ بلڪ دشمن هئي، ڇڱو ٿيو جو بند ٿي وئي. انهيءَ جو نڪرڻ سنڌي ٻولي ۽ سنڌ لاءِ هاڃيڪار هو. جڏهن روح رهاڻ بند ٿي هئي، مون سمجهيو هو، وڏي هلچل هلندي، وڏا هنگاما ٿيندا، رت وهندو، ماڻهو گهرن مان نڪري ايندا. جنهن مخزن سنڌي قوم کي سجاڳ ڪيو آهي، اها جاڳيل قوم ڪڏهن بہ خاموش نہ ويهندي. پر ٿيو ڪجهہ بہ نہ. موت جهڙو سڪونت ڇانيو رهيو. روح رهاڻ بند ٿي وئي. حميد سنڌي بي حس ۽ بي قدر قوم کان مايوس ٿي، سنڌي ادب مان ئي منهن موڙي ويو هليو (في الحال).

▲ اڄ وري 'سهڻيءَ' کي 'سنڌ جي تحريڪ' جو نالو ڏنو ويو آهي. وڏا ۽ نوان ليکڪ ايڊيٽوريل تي داد پيا ڏين. پڙهندڙ هر مهيني سو ن جي تعداد ۾ خط لکن پيا تہ: 'سهڻي هاڻ هڪ تحريڪ آهي. سهڻيءَ سنڌ کي سجاڳ ڪيو آهي. سهڻي سنڌ جو ۽ اسانجو آواز آهي. سهڻي اسانجي دل جي ڌڙڪڻ آهي. اسين سهڻيءَ لاءِ پنهنجو سِرُ بہ ڏينداسين. اسين نهايت احسانمند آهيون جو اوهين اهڙي جرئت ۽ بيباڪيءَ سان اهڙو سچ پيا لکو ۽ سنڌ لاءِ آواز پيا اٿاريو.' پر آءٌ خوش ٿيڻ جي بدران سوچيان پيو، تہ ڪٿي تاريخ پنهنجو پاڻ کي تہ نہ پئي دهرائي. ساڳيو روح رهاڻ ۽ حميد سنڌي وارو حشر سهڻي ۽ طارق جو بہ تہ نہ ٿيندو. مونکي نہ انهيءَ جو ڏک آهي، نہ ئي فڪر، تہ منهنجو ڪهڙو حشر ٿيندو. ڏک ۽ فڪر اٿم تہ اهو، تہ جيڪڏهن روح رهاڻ وارو ساڳيو حشر سهڻيءَ جو بہ ٿيو، ۽ سنڌي عوام ائين ئي خاموش رهيو، تہ ڇا ڪو پيو رسالو بہ اهڙي سُتل ۽ بي حس قوم لاءِ همٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو؟

▲ اسانکي معتبر ذريعن کان پتو پيو آهي، تہ ماهوار 'سهڻي' ۽ ڪتابي سلسلي 'اڳتي قدم' تي تمام جلد پابندي وڏي ٿي وڃي. انهن ٻنهين جو بہ ساڳيو ڏوهہ آهي، جيڪو روح رهاڻ جو ڏوهہ هو — يعني سهڻي ۽ اڳتي قدم حق جو آواز بلند ڪن پيا، سنڌي عوام کي جاڳائين پيا. ۽ اهو عظيم ۽ نا قابلِ معافي ڏوهہ آهي. سنڌي قوم کي ڪڏهن

طبقو آهي، جيڪي حڪومت ڪي غلط خبرون ڏئي سنڌي رسالن تي
ذي پابنديون وجهائڻ ٿا چاهين، ته جيئن سنڌي عوام ۾ موجوده حڪومت
جي خلاف نفرت ڦهلجي.

▲ اسانڪي عوامي حڪومت ڪي ڪابه گذارش ڪرڻي ڪانهي. نڪا ڪا ڀيک گهرڻي آهي، پر سنڌي ليکڪن ۽ پڙهندڙن ڪي ڪجهه عرض ضرور ڪرڻو آهي. آءُ انهن لکندڙن ۽ پڙهندڙن کان پڇڻ ٿو چاهيان. اوهين جو چئو ٿا ۽ لکو ٿا ته: 'سهڻي سنڌ جي تحريڪ آهي. سهڻي سنڌ جو آواز آهي. سهڻي اسانجي دل جي ڌڙڪن آهي.' ڇا اوهين انهيءَ ڌڙڪن کي بند ٿيڻ ڏيندا؟ سنڌ جو آواز بند ٿيندو، اوهين خاموش رهندا؟ سنڌ جي تحريڪ ڪي ختم ڪيو ويندو، اوهين چپ ڪيو ويٺا هوندا؟ سهڻيءَ جي ساراهه ۾ اوهين جيڪي سوين خطَ لکندا رهيا آهيو، ڇا اُهي فقط ڇپجڻ لاءِ هوندا آهن؟ ته جيئن پڙهندڙ اوهان لاءِ اهو سوچين ته اوهين ڪهڙا نه محبِ وطن آهيو، ڪيترو نه جذبو آهي اوهان منجهه. ڇا اِهي سڀ لکڻيون ۽ خطَ فقط شهرت لاءِ آهن. مان ڪولهي ٿو ٻڌائڻ چاهيان ته ايوبي ۽ يحيٰ جي آمرانه حڪومت هجي، يا اسانجي چونڊيل 'عوامي حڪومت' هجي، سنڌ سان هميشه ناحق ٿيندو آيو آهي، ۽ ٿيندو رهندو. ۽ حقيقت ته اها آهي ته اِسين آهيون به انهيءَ قابل جو اسان سان نا انصافي، حق تلفي ۽ سختيون ٿيڻ گهرجن. اسان ۾ جذهن همت ڪانهي، اسين جذهن ستل آهيون، اسان ۾ جذهن اتحاد ڪونهي. اسين فقط تعريف جا خطَ، اخبارن ۾ مراسلا، جذباتي تقريرون ۽ بيان بازي ڪرڻ ڄاڻون ٿا ته پوءِ اسان سان اِهي جهڙيون ضرور ٿيڻ گهرجن. پر سنڌي لکندڙن ۽ پڙهندڙن کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان، ته هن دفعي سهڻي ۽ اڳتي قدم بند ٿيا، ته شايد ٻيو ڪو مٿي ڦريل، سنڌيءَ ۾ مخزن ڪيڻ جي ڪوشش نه ڪندو. اها ڳالهه ڪانهي ته محبِ وطني طارق اشرف ۽ مدد علي سنڌيءَ تي ختم آهي. نه، پر اهڙي بي حس ۽ بي قدر قوم لاءِ ڪير اڳتي نڪرندو. هاڻ اسانکي ڏسڻو اِهو آهي، ته لکندڙ ۽ پڙهندڙ سهڻي ۽ اڳتي قدم جي بند ٿيڻ تي ڇا ٿا ڪن. اسين، سنڌين کي بغاوت تي ڪونه ٿا اڀاريون، ڇاڪاڻ ته اها اسانجي پنهنجي حڪومت آهي، انهيءَ کي اسان ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو آهي. صدر ڀٽو پهريون ۽ شايد آخري سنڌي صدر آهي. پر اهو ضرور چوندا سين

جيڪڏهن بقول اوهانجي، اوهانجي نظم ۾ ڪجهه به ڪونهي، ته پوءِ اوهان اهو نظم عين انهيءَ ڏينهن ڇو لکيو هو، جنهن ڏينهن سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بل پاس ٿيڻ وارو هو. ڇو سڄي 'جنگ' اخبار کي ڪارا حاشيه ڏنل هئا، ڇو هر پيج تي لکيل هو، 'اردو کا جنازه هے ذرا دهوم سے نکلے.' جڏهن نظم ۾ ڪا ڳالهه نه هئي ته پوءِ اها مسخري ڇو ڪئي وئي هئي. ماڻهو مري، ٿي نه، ۽ سندس جنازو ڪيجي، انهيءَ مان ٻه معنائون ڪڍيون، يا ته اوهانکي انهيءَ سان شديد نفرت آهي، جنهنجي اظهار خاطر توهان جنازو ڪڍيو، يا اوهان عوام کي جنازو ڏيکاري اشتعال ڏيارڻ چاهيو ٿا. پهرين ڳالهه اوهان سان لاڳو ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اوهين چئو ٿا ته: 'اردو، اسانجو ايمان آهي، اسلام کي بچائڻ لاءِ اردوءَ جو هئڻ لازمي آهي، پاڪستان ٺهيو ئي اردوءَ کي بچائڻ خاطر.' تنهنڪري اردوءَ سان نفرت جو ته سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، البت اوهانکي پنهنجن ماڻهن کي اشتعال ڏيارڻو هو، سنڌين جو قتل عام ڪرائڻو هو، پيپلس پارٽيءَ کي ناڪام ڪرڻو، صدر ڀٽي ۽ ممتاز ڀٽي کي سنڌن موجوده عهدن تان هٽائڻو هو، پنجاب کي سنڌ ۽ صدر ڀٽي جي خلاف اُڀارڻو هو، ڪن ڳالهين ۾ وقتي طور اوهين ڪامياب به ٿيا. هاڻ اوهين چئو ٿا ته: نظم ۾ ته ڪا ڳالهه ڪانهي. رئيس صاحب، نظم ۾ ته گهڻو ڪجهه هو، پر انهيءَ مان اوهانکي اهو ڪجهه ڪونه وريو، جيڪو ڪجهه اوهان چاهيو هو، ڇاڪاڻ ته اوهان ڪوڙا هئا، دوکيباز هئا، اوهان سچو مٿڪر ڪيو هو. اوهان چئو ٿا ته انهيءَ نظم ۾ ڪجهه نه هو. اسين چئون ٿا انهيءَ نظم ۾ باهه هئي، انهيءَ نظم ۾ نفرت هئي، انهيءَ نظم ۾ اشتعال هو، انهيءَ نظم ۾ بغاوت هئي، انهيءَ نظم ۾ ڪوڙ هو. انهيءَ نظم ۾ فريب جي انتها هئي. ڇا اڃا به ڪجهه چئجي؟ جنازو انهيءَ جو نڪرندو آهي، جنهنجو موت ٿيو هجي، ڪنهنجو موت ٿيو هو، جو اوهان جنازو ڪڍيو؟ ها، اوهان امن جو جنازو ڪڍيو، اوهان سُک ۽ چين جو جنازو ڪڍيو، اوهان بيگناهن جو جنازو ڪڍيو، اوهان ملڪ ۽ قوم جي وقار جو جنازو ڪڍيو. اوهان اهو نظم ملڪ کي تباهه ڪرڻ خاطر لکيو. ڪوڙ ۽ فريب جون سڀئي حدون اوهين ٽپي ويا. اردو جيڪا پاڪستان جي عوام جي اڪثريت جي ٻولي ڪانهي، تنهنکي پاڪستان جي قومي ٻوليءَ جو درجو حاصل آهي. ملڪ جي

ٽن صوبن جي واحد سرڪاري زبان آهي. سنڌ ۾ ، سنڌيءَ کي فقط صوبائي ٻوليءَ جو درجو مليو ٿي ته اوهان اردوءَ جو جنازو ڪڍي ڇڏيو. اوهين ڇئو ٿا ته منهنجي نظم کي چڱيءَ طرح ڏسو، انهيءَ ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪانهي. اسين اوهانکان پڇون ٿا، ڇا اوهان سنڌي ٻوليءَ واري بل کي چڱيءَ طرح ڏٺو هو؟ انهيءَ ۾ اوهانجي يا اوهانجي ٻوليءَ خلاف ڪابہ ڳالهہ، ڪو فقرو ڪونہ هو. پر اوهانکي تہ فساد ڪرائڻا هئا، عوامي حڪومت کي ناڪام ڪرڻو هو، انهيءَ جي اوهان پوريءَ ريت ڪوشش ڪئي. هاڻ اوهين ڇئو ٿا تہ اهي سڀئي ڳالهيون وساري ڇڏيون- ڪيئن وساريون! ڇا شهيد عبدالرزاق کي اسين وساري سگهون ٿا، ڇا شهيد دوست محمد پراچہ کي اسين وساري سگهون ٿا، ڇا اسين انهن سڀني بيگناهہ سنڌين کي وساري سگهون ٿا، جنکي اوهان شهيد ڪيو. ڇا اسين وساري ڇڏيون تہ اوهان سائين جي- ايم- سيد تي بم اڇلايو. ڇا اسين وساري ڇڏيون تہ اوهان ذوالفقارعلي ڀٽي، ممتاز ڀٽي ۽ ميررسول بخش ٽالپر جون قبرون ٺاهيون هيون. ڇا اسان وساري ڇڏيون تہ اوهان اسانجي ليڊرن جا نالا گڏهن تي لکيا هئا. ڇا اسان وساري ڇڏيون تہ اوهان بيگم نصرت ڀٽو ۽ ڀٽي جي نياڻي بينظير، جيڪا سنڌ جي نياڻي آهي، تن لاءِ ڀتين تي فحش گاريون لکيون هيون. اسين ڪيئن ٿا وساري سگهون ، جيڪڏهن ڀٽي جي اپيل تي اسين خاموش ٿي ويا آهيون، تہ اوهان اهو نتيجو نہ ڪڍيو تہ سنڌي بيغيرت قوم آهي، نہ ائين هرگز ڪونهي.

▲ تازو اردو بازن جي ليڊر جي- آءِ. مدني چيو آهي تہ : 'سنڌ ۾ اڌو اڌ آبادي اردو ڳالهائيندڙن جي آهي.' ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ اوهانجو ڪو شريڪ ڪونهي. چوندا آهن، بيشرمائي تہ بادشاهي. مدني صاحب جيڪڏهن اوهانجي ٻولي ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن، تہ پوءِ اوهانجا ليڊر راولپنڊيءَ ۾ ڏينهن جا ڏينهن ويهي، ٻوليءَ وارا ڪالم نہ ڪيرائين ها. ٻوليءَ وارو ڪالم نہ نڪري ها، تہ اوهان ۽ اوهانجي مودودي جماعت، جيڪا اردوءَ جي حمايت لاءِ پوريءَ ريت تيار هئي، اوهان ٻنهي جي ڪوشش جي باوجود بہ اوهانکي پتو پئجي وڃي ها، تہ اردو ڳالهائيندڙ سنڌ ۾، يا پاڪستان ۾ ڪيترا آهن. هاڻ جڏهن آدم شماري واري فارم مان ٻوليءَ جا ڪالم ڪڍيا ويا آهن، ۽ اوهين چئو ٿا تہ اردو ڳالهائيندڙ اڪثريت ۾ آهن، تہ پوءِ اوهين خاموش ڇو آهيو؟ ڪنهنکي ٿا

اُهو آهي انهيءَ جو ايڊيٽر **سراج** کي ڪرڻ. پيپلس پارٽيءَ جو سنڌين تي اهو وڏو احسان آهي. هن اخبار اهو ڪم ڪيو آهي، جيڪو پنجويهن سالن ۾ ڪنهن به سنڌي ليڊر نه ڪيو، ڪنهن اديب نه ڪيو، ڪنهن اخبار نه ڪيو، ڪنهن ڪتاب نه ڪيو. هلال پاڪستان کي نڪرندي ڇهه مهينا ڪن مس ٿيا آهن، پر انهن ڇهن مهينن ۾ هن سنڌين ۾ اها سجاڳي پيدا ڪئي آهي، جيڪا سنڌ ۾، صدين ۾ به پيدا نه ٿئي ها. بنا ڪنهن وڌاءُ جي اهو چئي **سگهجي** ٿو ته 'هلال پاڪستان' (ڪراچي) سنڌين جو آواز آهي. هن اخبار کي، خاص ڪري هن اخبار جي ايڊيٽر سراج کي اسين سلام ٿا ڪريون. ڪراچي جون نام نهاد اردو باز اخبارون (جن ۾ اردو ۽ انگريزي ٻئي اچي وڃن ٿيون) پنجويهن سالن کان سنڌ جي خلاف زهر اوڳاڇينديون رهيون آهن. انهن سنڌ جي مفاد خلاف کليو کلايو لکيو آهي ۽ ڪم ڪيو آهي. اسانجي آواز کي هميشه دٻايو آهي، اهي اخبارون هميشه غير جمهوري ۽ آمرن جي حڪومتن جو ساٿ ڏينديون رهيون آهن. انهن پاڪستان جي ٻين صوبن کي سنڌين خلاف هميشه غلط تاثر ڏنو آهي. پر اسانوٽ ڪو به وڏو طريقو نه هو، جو اسين پنهنجي بچاءُ ۾ ڪجهه چئي سگهون، ڪو به اظهار جو ذريعو نه هو. اسانجون سنڌي اخبارون اهڙيون نڪرنديون رهيون آهن، جو سنڌي جذبو رکڻ جي باوجود به اسانکي اهي اخبارون پڙهڻ يا وٺڻ جي خواهش نه ٿيندي هئي. جذبي جي تسڪين خاطر جيڪڏهن وٺندا هئاسين، ته پنجن منٽن ۾ پوري اخبار ختم. انهنجي ڇپائي نهايت خراب، خبرون نه هئڻ برابر ۽ پراڻيون. وڏي ڳالهه اها، ته سنڌين جو آواز اهي اخبارون به بلند نه ڪنديون هيون. 'عبرت' اخبار جا مالڪ ايوب جي پارٽيءَ جا، اهي ڪيئن ايوب جي خلاف لکن. 'مهراڻ' اخبار **جيئي سنڌ** جي نعري جي ئي خلاف، هاڻ وڃجي ته ڪيڏانهن. وري حيدرآباد مان هلال پاڪستان نڪتي، شروع شروع ۾ پيرزادي صاحب جي مقبوليت ۽ نالي جي ڪري ڏاڍي مقبول ٿي، پر پوءِ ڇڻ ته اخبار نه رهي، بلڪ پيپلس پارٽيءَ جو **پڪ رڊاهو** رهجي وئي. اسين سنڌي جڏهن بلڪل مايوس ٿي وياسين، تڏهن اونداهي ٻاٽ ۾ اوچتو چنڊ ڪڙڪي پيو، هلال پاڪستان وڏي شان شوڪت سان ڪراچيءَ مان نڪتي. اها اخبار فقط انهيءَ ڪري چڱي ڪانهي، جو اها ڪراچيءَ مان نڪتي هئي، نه، بلڪ انهيءَ جو ڪارڻ سراج

هو. جنهن بہ پيپلس پارٽيءَ جي عهديدار سراج جو نالو ايڊيٽر لاءِ تجويز ڪيو، ڪيس جس هجي، صحيح معنيٰ ۾ اُهو مبارڪ جو مستحق آهي. اسانجي سنڌي اخبارن جا عامل صحافي ڏاڍا پراڻا ۽ مشهور آهن، پاڻ جهڙو چاڻو، سياست جو ماهر، ادب جا پارکو، مضمون جي چونڊ ڪندڙ پيو ڪنهنکي سمجهندا ڪونهن. اخبار جي واهيات هجڻ جي ڳالا ڪبي، تہ منهن چبو ڪري چوندا: 'اوهانکي ڪهڙي خبر، اسانکي تجربو آهي.' ڪوڙا آهن اِهي، سراج هننکي ڪوڙو ڪري ڏيکاريو. سراج عامل يا ڪامل صحافي ڪونهي، پر هڪ پڙهيل لکيل ۽ قابل ماڻهو آهي، ۽ هڪ پراڻي ڪک ۾ نام نهاد تجربيڪار ڪان لک دفعا سٺو آهي.

▲ اردو اخبارون اسانجي اخبارن کان چو وڌيڪ پڙهيون وڃن ٿيون؟ انهنجي ڇپائي تمام سهڻي، خبرون نيون ۽ ڳهٽيون، مضمون لکندڙ سڀ وڏا اديب. پر اسانجا پُراڻا عامل صحافي تہ اديبن کي شايد مسخرا ۽ چامڙا سمجهندا هئا، ۽ انهن ڪڏهن بہ اديبن کي اهميت نہ ڏني، پاڻ ئي بيڪار، بي مقصد مضمون مسلسل لکندا رهيا، ۽ پڙهندڙن کي ڪَٽِڪَ ڪندا رهيا، ۽ ڪين ايترو بيزار ڪيائون جو پڙهندڙن سنڌي اخبارون پڙهڻ ئي ڇڏي ڏنيون. پر سراج ايندي شرط ئي هلال پاڪستان ۾ سڀئي پڙهيل لکيل، ۽ نوجوان رتُ ڪنيو، جن ۾ ڪم ڪرڻ جو جذبو آهي ۽ نواڻ جا قائل بہ آهن. سراج ايندي ئي شرط وڏن ليکڪن کان اخبار لاءِ لکرايو. آمر جليل اڄ جو مشهور ترين ۽ مقبول ترين ڪهاڻيڪار آهي، هنجو روز ڪالم اچڻ لڳو. سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز ڪڏهن بہ اخبار لاءِ نہ لکيو، پر سندس نوان شعر هلال پاڪستان ۾ آيا. تنوير، قمر شهباز ۽ ٻين ڪيترن وڏن توڙي نون اديبن هن اخبار لاءِ لکيو ۽ لکن پيا. اهوئي ڪارڻ آهي، جو اها اخبار سنڌي عوام ۾ ايڏي مقبول آهي ۽ سنڌ جي قومي اخبار بڻجي وئي آهي. هلال پاڪستان سنل سنڌ کي سجاڳ ڪيو آهي، سنڌ جي حقن لاءِ آواز اُٿاريو آهي، حڪمران پارٽيءَ جي اخبار هئڻ جي باوجود بہ حڪومت جيڪي غلط قدم کنيا آهن، انهنجي خلاف کليو کلايو لکيو آهي. انهيءَ جي مقبوليت جو اهو بہ هڪ وڏو ڪارڻ آهي.

▲ هڪ اندازو آهي تہ ڪراچيءَ مان نڪرندڙ اردو اخبارن ۾ 'حريت' ٻارنهن هزار، 'مشرق' سورنهن هزار، 'جسارت' اٽڪل ويهہ هزار ۽

پنهنجو نالو وڏن اکرن ۾ ٿو ڏي، جيڪڏهن ڪنهن مجبوري تحت مون جهڙو ننڍڙو ماڻهو به هن اخبار جو ايڊيٽر هجي ها، ته مان پنهنجو نالو اخبار ۾ اصل نه ڇپيان ها، ٻئي پاسي اهڙي شاندار اخبار ڪڍڻ جي باوجود سراج جو نالو اخبار تي اهڙي هنڌ، ۽ ايترو ننڍو ايندو آهي، جو گهڻن کي اجا تائين اها خبر ڪانهي، ته اخبار جو ايڊيٽر آهي ڪير.

## ڪنڌڪوٽ جو سانحو

▲ مودودي جماعت، اُها جماعت آهي، جنهن پاڪستان جي ٺهڻ جي مخالفت ڪئي هئي، ۽ مودودي صاحب ته قائد اعظم کي به ڪافر سڏيو هو. پاڪستان جي ٺهڻ ڪانپوءِ به اها جماعت پوريءَ طرح پاڪستان کي تباهه ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي رهي آهي. اوڀر پاڪستان (بنگلا ديش) ۾ به انهن سدائين فساد ڪرايا، اسلام جي نالي ۾ انهنکي ايترو ته ڪٽڪ ڪيائون، جو انهن اسلام کان ئي توبهه ڪري ورتي ۽ پاڪستان کان الڳ ٿي ويا. مودودي جي مُلن، اوڀر پاڪستان ۾ قتل عام ۾ به پوريءَ ريت حصو ورتو، پر جڏهن سندن قتل جو وقت آيو ته انهن اولهه پاڪستان جو رخ رکيو. جڏهن کان عوامي حڪومت وجود ۾ آئي آهي، اهي زخمي نانگ وانگر وراڪا کائين پيا. اليڪشن ۾ انهن خزانا لُٽايا، ڏانڊليون ڪيون، فساد ڪرايا پر اليڪشن ۾ ڪامياب نه ٿيا. اليڪشن کان اڳ انهن ۽ انهنجي اخبارن اهو تاثر ڏنو هو ته اها پارٽي پاڪستان ۾ سڀ کان وڏيڪ ووٽ کڻندي. سنڌ جو شهر ڪنڌڪوٽ به اهڙن شهرن مان هڪ آهي، جتي مودودي جماعت پنهنجي ڪاميابيءَ جون وڏيون ٻٽاڪون هنيون هيون، پر ٿيو اُهو ئي، جيڪو ٿيڻ گهربو هو. سنڌين مودودي پارٽيءَ کي ٺڏي ڇڏيو، ۽ پيپلس پارٽيءَ جو اميدوار ڪامياب ٿي ويو. تڏهين کان ئي مودودي جماعت ڪنڌڪوٽ جي امن امان ۾ رخني وجهڻ جون پوريون ڪوششون ڪري رهي آهي. هننجي سڄي ڪوشش اها آهي، ته اتي ڪو وڏو فساد ڪرائي عوامي حڪومت کي بدنام ڪري سگهجي. سڀ کان اڳ انهن ڪنڌڪوٽ ڪاليج جي پرنسپل قمر شهباز (جيڪو هڪ محب وطن سنڌي آهي) جي خلاف تحريڪ هلائي. سندن اخبارن هنجي خلاف تمام گهڻو زهر اُوڳاڇيو، پر وريو ڪجهه به ڪونه. پر ٦- سيپٽمبر ٧٢ع تي اِهي هڪ اهڙي ناپاڪ ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ٿي ويا.

▲ ٦- سيپٽمبر پاڪستان جو يوم دفاع آهي، اهو نهايت احترام سان ملهايو ويندو آهي، پر انهيءَ ڏينهن مودودي جماعت ۽ سندن چاڙتن جيڪو وحشتناڪ ۽ شرمناڪ ڊرامو ڪنڌڪوٽ ۾ ڪيڏيو، انهيءَ جي ٻڌڻ سان وار وار ڪانڊارجيو وڃي، ۽ شرم کان ڪنڌ جهڪيو وڃي. اسلام جي انهن نام نهاد ٺيڪيدارن هڪ پوڙهي هندوءَ تي ڪوڙو الزام مڙهي، بي گناهه هندڻن جي گهرن ۽ دڪانن جي عام ڦرلٽ ڪئي. اسانکي جيڪا معلومات پهتي آهي، انهيءَ مطابق گهٽ ۾ گهٽ هندڻن جا پنجويهه دڪان ۽ گهر لٽيا ويا ۽ ڪيترن هندونياڻين جون عصمتون لٽيون ويون. گهڻن عورتن جي ڪنن مان زوري زيور لاٿا ويا، هڪ جي ڪَنَ مان زيور نه لٿو ته ڪنَ وڍيا ويا. هڪ نياڻي، جنهنجي ويجهڙائيءَ ۾ شادي ٿيڻ واري هئي، انهيءَ کي جهنگ ۾ وٺي، ڪيترن ئي انهن نام نهاد اسلام جي ٺيڪيدارن سندس عزت لٽي. ڇا اسلام اسانکي اهو سيکاري ٿو؟ ڇا اهو انهن جو اسلام آهي؟ ڇا ڇهين سيپٽمبر تي انهيءَ ڪري يوم دفاع ملهائجي ٿو؟ اسين ڪنڌڪوٽ جي سرڪاري آفيسرن کان پڇون ٿا، ته اسلام جي انهن ٺيڪيدارن ڏينهن ڏٺي اها بربريت ڦهلائي، پر اوهان ڇا پي ڪيو؟ مودودي جماعت اهو ذليل ناٽڪ فقط انهيءَ ڪري ڪيو، ته عوامي حڪومت بدنام ٿئي، عوام تي اهو تاثر پوي ته عوامي حڪومت ۾ اهڙا ظلم پيا ٿين. ٻئي پاسي جڏهن ڀارت ۾ اها خبر پوي ته آئي به هندو- مسلم فساد ٿين ۽ شملي وارو ناهه ناڪام ٿئي.

▲ مودودي جماعت مزدورن وارا فساد ڪرايا، ڀارت ۾ پاڪستاني جنگي فوجي قيدين جي مائٽن کي برغلائي جلوس ڪيڊرايا، سنڌي ٻوليءَ تي ماڻهو مارايا، شملي معاهدي جي مخالفت ڪئي، جڏهن ڪجهه به نه ورين، ته ڪنڌڪوٽ ۾ بي گناهه سنڌي هندڻن جون عزتون ۽ مال ملڪيت لٽيائون. اسانجي همدردي ڪنڌڪوٽ جي بيگناهه سنڌي هندڻن سان آهي، هندڻن جي نياڻين جي عزت نه لٽي وئي آهي، سنڌ جي نياڻين جي عزت لٽي وئي آهي. اسين حڪومت کان مطالبو ٿا ڪريون، ته انهيءَ سانحي ۾ جيڪي به شرپسند شريڪ هئا، انهن کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون وڃن، ڇاڪاڻ ته عزت جو لتجڻ ڪا گهٽ ڳالهه ڪانهي.

**جيئي سنڌ ــ جيئي سنڌ جي عزت**

**ــ طارق اشرف**

اڪيان ٻيوس لڳيان...
نہ گهر جو، نہ گهاٽ جو
ڀهچي ويو پانڌي، ڏيڱڙو ڪٺي ڏاهہ جو

# ڪهاڻيون


غلام نبي مغل
نجم عباسي
فهميده ميمڻ

غلام نبي مغل

# اکيلان ٻيوس لڳيان...

جنوري شروع ٿي چڪي هئي. صبح جا ڇهه لڳي چڪا هئا. اڃا سج ڪني ٻه ڪانه ڪڍي هئي. آءٌ جيڪب آباد جي اسٽيشن ۾ داخل ٿيس. راتوڪا ٻريل بلب اڃا تائين سردي ۽ روشني منجهه ڪنبي رهيا هئا. جيتوڻيڪ پليٽ فارم ۽ اسٽيشن جو هال مسافرن سان سٿيو پيو هو، پر چوڌاري ماٺ هئي. ائين پئي لڳو ڄڻ سرديءَ جو ٿهه مٿن پيل بلانڪيٽن، اجرڪن ۽ بين اوڍڻن تي پوريءَ ريت ڇانيل هو.

اتر سنڌ جي هن سرحدي شهر جي ريلوي اسٽيشن تي هيترن مسافرن هوندي به ائين پئي لڳو، ڄڻ هاڻ ئي راڪاس گهمي ويو آهي. آءٌ مفلر کي ڪنن تي ويڙهي، گرم ڪوٽ جو ٽيون بٽڻ پائي آهستي آهستي اڳتي وڌيس. چوطرف مسافر زالون، مرد ۽ ٻار، هڪ ٻئي جي پير ۾، پاڻ ڍڪي، ليٽيا پيا هئا. هڪ پاسي ٻه - ٽي ٻروچ، ڪونگهرن جي مقابلي ۾ رڌل هئا. ڪابي پاسي ٽڪيٽ گهر ۾ اندر ٻه ڄڻا ريلوي يونيفارم سان وينا هٿ سيڪي رهيا هئا. سندن چهرا بي نور ۽ ٿڪل لڳا پئي. آءٌ هال ٽپي پليٽ فارم تي پهتس. اُت ٻه ڪُلي، ڪڇن ۾ هٿ ڏيئي پاڻ ۾ آهستي آهستي ڳالهائي رهيا هئا. آءٌ پرسان لنگهيس ته ٻنهي مان هڪڙي مونکي سلام ڪيو ۽ چيو، ”سائين سردي آهي؟“

مون جواب نه ڏنو ۽ مُرڪي اڳتي ريفريشمنٽ روم ڏانهن هليو ويس. پٺيان ٻئي ڪُليءَ جو آواز ٻڌم: ”اها اٿئي ڪوئٽا! اڃا ڪوئٽا ۾ برف پوندي، اڃا سردي وڌندي.“ مون اهو ٻڌي سوچيو: سنڌ ۾ سردي ٻه ٻاهران اچي ٿي.

ريفريشمنٽ روم ۾ گهڙندي ئي هڪ وڻندڙ گرمائش جو احساس ٿيو. اندر ٻه نوڪر ڪم ۾ رڌل هئا. در جي کلڻ ۽ بند ٿيڻ جي مخصوص آواز سندن ڌيان مون ڏانهن ڇڪايو. ٻئي پنهنجي پاڻ ڇوڪرا ٿي لڳا. ڪجهه ساعتن ڪانپوءِ مون ڪوٽ جي کيسي مان ڪالهوڪي اخبار ڪڍي ۽ پڙهڻ لڳس، ته ايتري ۾ هڪ ڇوڪرو هٿ صفا ڪندو

مون وٽ آيو. ”سائين ناشتو.“

”نه ناشتو نه کپي،“ مون چيو، ”ڪافي ملندي؟“

هن ڪنڌ ڌوڻيو. ”ڪٿي اچان؟“

مون ڪافي اجا پوري ئي نه ڪئي هئي ته ريل ڪار جي آمد جو اطلاع گھنٽيءَ ذريعي ٿيو ۽ مون ريفريشمنٽ روم منجھ ئي محسوس ڪيو ته ٻاهر ستل راڪاس جاڳڻ شروع ٿيو آهي. آواز آهستي آهستي وڌڻ لڳا — ۽ جڏهن ٻاهر نڪري پليٽ فارم تي آيس، ته ماحول جيئرو جيئرو پئي لڳو. چڻ حياتي ڪر پيچي اُٿي آهي. ويتر ڏاڪٽي پاسي کان ريل ڪار جي تيز ۽ اڳتي وڌندڙ روشنيءَ پليٽفارم جيبدن ۾ گرمائش جي لهر ڊوڙائي ڇڏي ۽ سڀ پنهنجي پنهنجي سامان سڙي کي سنڀالڻ لڳا. ٻروچن جا ٻجڪا ڪلهن تي ۽ هٿ سٿرن تي — ڪن ڪنهان!

آءٌ اڳتي وڌيس ۽ ريل ڪار جي اڳئين ڊبي ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪيم. پنهنجي اڳيان ڪيترائي ڳوناٺا پنهنجي قسمت وانگر اٽيا سٽيا چڙوچڙ، وائڙا ۽ موڙهيل — چڙهڻ لاءِ آتا هئا. مونکي هڪ عجيب احساس ٿيو ته سنڌ جو هيءُ ماضي ۽ حال، ڪيترو نه اُٻهرو، اڻجاڻ ۽ گگدام مثل آهي. ۽ مستقبل ڪيڏو نه پر اميد، اڳرائي ڪندڙ، گھري نند مان سجاڳ ٿيل ۽ چڙو چڙ آهي. ڀلا مستقبل کي ماضي يا حال وٽان ڪا ٽيڪ ملندي! احساس چڻ مايوسيءَ جي پليٽفارم تي بيٺل هجي. سمجھيم ته سنڌ جي مستقبل لاءِ اسانجو ماضي ۽ حال ئي بيحال ٻي ست ۽ رنڊڪ آهي. پر مستقبل جا گھوڙا ڏاڍا سرڪش آهن.

اڳئين ڊبي ۾ رش گھٽ هئي. منهنجي سامهون واري سيٽ خالي هئي ۽ پرسان هڪ ٻيو صاحب ويٺو هو. ٿوري ڳالھ ٻولھ هلي ته خبر پئي ته، بئنڪ آف ٻهاولپور جو مئنيجر آهي. مون انهين ئي چرچي خاطر پڇومانس ته، ”اوهان رهاڪو به ٻهاولپورجا هوندا؟“

هن يڪدم وراڻيو، ”ها سائين، مان ٻهاولپور جو آهيان. اوهان ڪيئن سڃاتو؟“

مون بنا سوچڻ جي جواب ڏنو، ”ٻهاولپور بئنڪ جو مئنيجر ضرور ٻهاولپوري هئڻ کپي - ٻيو ڪير ٿي سگھي ٿو.“

”نه سائين، هن بئنڪ ۾ ٻهاولپوري اسين ٻه - ٽي آهيون، ٻيا

گھڻو ڪري ملتان، مظفر گڑھ ۽ لائلپور جا آهن.“

”بهاولپورين سان واقعي ظلم آهي،“ مون چيو . ” سنڌ ۾ به ڪين پورا حق نٿا ملن. سنڌ ۾ ته سڀني کي حق ملن ٿا .“ هو مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ مون دل ۾ جملو پورو ڪيو: ’سواءِ سنڌين جي.‘ آءٌ منهن ڦيري شيشي سان بند ٿيل دريءَ جي ٻاهر ڏسڻ لڳس.

منهنجي ڪابي پاسي دٻي جي ٻئي طرف ٻروچ، ٻه ٻه آمهون سامهون ويٺا هئا. منجهن پوڙها ۽ ٻه جوان هئا. پوڙها ٻئي آمهون سامهون ڪارا ڪتا ويڙهيو سيڙهيو، هڪ پير متي سيٽ تي رکيو ويٺا هئا. انهن ٻن پوڙهن مان هڪ جي ڏاڙهي صاف اڇي ۽ پنهنجي مرضي سان وڌيل هئي، پنيان وارن جو چوٽو پڻ نظر آيو پئي. نڪ ڊگهو، پيشاني ٻاهر نڪتل ۽ ڳل گهنجيل ۽ پيريءَ جي شگفتگي سان ڀرپور. اکين ۾ حياتي جي چهڪ گهٽي هئس. ڳالهه ڳالهه تي ٺهڪ پئي ڏنائين ۽ سندس ٺهڪ دٻي جي سرد ۽ جميل ماحول ۾ ائين ٿي ڦهلجي ويا، ڄڻ برف جي نديءَ جي وچ ۾ ڪو زوراڻو سڙئو لڳندو هجي. ٻيو پوڙهو عمر ۾ ڪجهه لانبرو هو. سندس ڏاڙهي به ٻي پيري ۽ ٻي سڙي هئي، پر گهٽي ڪاري هئي. ڳالهين جو گهير تي ڏنو . ٺهڪن ۾ اڇي ڏاڙهيءَ واري کي وارو ونايو پئي آيو. ساڻن گڏ ٻن جوانن مان هڪ بلڪل بند پهڻ ٿيو ٻاهر پليٽفارم ڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ ٻيو جوان اکيون پوريو، ساڄو هٿ لونڊڙي تي رکيو، ڪنڌ هڪ طرف لاڙي بلڪل علامه اقبال واري پوز ۾ ويٺو هو. پوءِ خبر پيم ته اهي پوڙها ٻروچ ڏاڍا چرچائي هئا ۽ هڪ ٻئي کي چرچا هڻيو، ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. منهنجي پنيان به سيٽ تي مسافر اچي ويٺا هئا ۽ ائين محسوس ٿيو ڄڻ گوڙ گهمسان ٿيو هجي . هو تمام زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. سندن موضوع شايد راتو ڪي جوا هئي.

ريل ڪار چڙهڻ ۾ ڪي منٽ وڃي رهيا هئا، ته هڪ اڌڙوٽ شخص منهنجي آڏو اچي بيٺو ۽ سامهون خالي سيٽ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيائين، ”شائين خالي آهي؟“ مون ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي . هو سٽت ئي واپس آيو، ساڻس گڏ هڪ زال هئي، جيڪا هندڪي ڪپڙن ۽ شال ۾ ويڙهجي سيڙهجي آئي هئي– مون سمجهيو ڄڻ بهار جي موسم آئي. سڀ ويٺل پوڙها جوان، اڌ سنل، اڇيون ڏاڙهيون، ڪاريون ڏاڙهيون، صاحب نوڪر سرت ۾ اچي ويا ۽

جنهن تان هُو شڪار ڪندا هئا. آءٌ شهر بابت سوچي ئي رهيو هوس، تہ ٿورو پرتي، پليٽ فارم جي وچ تي جهڳڙو ٿي پيو. اڇي ڏاڙهي واري ٻروچ جا هٿ ڪاري ڏاڙهي واري ٻروچ جي ڏاڙهي ۾ هئا ۽ ٻئي جا هٿ اڇي ڏاڙهيءَ ۾ - واهہ جو ڇهڇٽو ٿي ويو. سيءَ جي باوجود پليٽ فارم پرجي ويو. هڪ ٻئي کي ٺٺڙون ڇڪيون هنيون. ماڻهو وچ ۾ پيا، سيٽي گهٽائي واڪا ڪيا پر ٻڌڻ ڪم ٻروچن جو هو. نيٺ ڪين الڳ ڪيو ويو. آءٌ بہ هيٺ لهي آيس تہ محسوس ڪيم بهار جي منڌ جون نظرون منهنجي پٺيان هليون آيون. ڦڏي جو سبب پڇيم تہ هڪڙي چٽي ٻڌايو، ”سائين اڇي ڏاڙهيءَ واري کي ڪو چرچو هندائتو لڳي ويو آهي. همراهہ نيٺ ٻروچڪي ڏيکاري.“ ڪاري ڏاڙهي واري ڪو اڇي ڏاڙهي واري کي چيو تہ: گذريل جنگ ۾ جڏهن هندستاني جهاز شهري حملا ڪري رهيا هئا تہ هي همراهہ ڪو جهنگ جي خيال سان ڪنهن ڪرڙ جي ڪنڊ پاسي ويٺو هو. جهاز جي هن همراهہ پرواهہ نہ ڪئي. جهاز واري پهرين سمجهو تہ توپ لڳل آهي، پر اها مشنري سمجهہ ۾ نہ آيس ۽ لامارو ڏيئي فوٽو ڪڍي ويس. هاڻي همراهہ هو جهنگ جي خيال واري حالت ۾ ۽ اها ڳالهہ مڙس جي شان وٽان نہ آهي، تہ سندس اهڙا فوٽو پڻ وٽ هجن سي بہ دشمن جي قبضي ۾ ـــ انهيءَ ڳالهہ تي جيترو اڇي ڏاڙهيءَ واري سوچيو ٿي اوتري باهہ ٿي لڳس. سائٽي ياري سڀ وسري ويس. نيٺ ٻنهي کي الڳ الڳ ڊبي ۾ چاڙهيائون ۽ فساد ٽري ويو.

دل ۾ سوچيم: واهہ ٻروچ واهہ! منهنجي دل جي مراد پوري ڪرائي تو ـــ پل تو کي چرچا لڳن سدائين لڳن، اوهانجي اڇي-ڪاري ڏاڙهيءَ پٽ ۾، بهار جي منڌ گهونگهٽ ڪڍي ٻاهر ڏٺو ۽ سڌي نظر بہ مون ڏانهن هيس ۽ مون اکين ئي اکين ۾ سندس انهيءَ مهرباني تي ٿورا مڃيا ۽ تازي درخواست پڻ ڪيم. درخواست منظور نہ ٿي. مان اتي ئي ٻاهر پليٽ فارم تي پتلون جي کيسن ۾ هٿ وجهيو سوچي رهيو هوس تہ هيءَ منڌ الائي ڪيڏانهن پئي وڃي. الائي هي نياڳو ڪاڪو هنکي پنهنجي پيار کان جدا نٿو ڪيو وڃي. جي ائين آهي تہ الله ڪري هي چندو ڪاڪو نرڳ ۾ وڃي. باقي جي هي منڌ وڃي پئي پنهنجي پياري ڏانهن تہ پوءِ ڪاڪي پنهنجي حياتيءَ جو سڀ کان چڱو ڪم ڪيو آهي. ڪاڪا زنده آباد ـ جي محبوب

انسان کي ڪميونسٽ نانگ جو ڏنگ ڪو نقصان رسائي نه سگهيو.
سبحان الله! الله جو شان آهي! دروغ بر گردن راوي!

ريل ڪار هلي پئي. اوپر طرف سج سائين پنهنجي سڪن واري روشني ڦهلائي چڙي هئي. اسين به اوپر ۾ آهيون پر اڃا سائينءَ جي روشني اسانجي ذهن ۾ ڪانه آئي آهي. اسين رڳو ان جي هلڪي گرمائش ۾ آسائتا آهيون. ريل ڪار ۾ في الحال ٿوري وقت لاءِ ماٺ هئي. ٻروچ ڪونه هئا. پنجابي مسلمان به خاموش هئا ۽ شايد واٽيو به ڪن تعميري خيالن ۾ گم هو. شايد چم- تڪر سندس ذهن کي ويڙهيل سيڙهيل هجي. سامهون صحافي ۽ دانشور ويٺا هئا. سي ته ائين ٿي ڪم سخن با تدبير ۽ اعليٰ پئماني تي ماٺ ۾ هئا. سامهون نويڪلي ڪنڊ ۾ ٽڪيٽ چيڪر هڪ همراهه کي نهايت آرام ۽ پنهنجائپ واري هلڪي لهجي ۾ سمجهائي رهيو ته جيڪڏهن ٽڪيٽ ڪٽائيندين ته جيڪب آباد کان ڪٽبي ۽ ادائي رپيا هڪڙا ۽ ادائي رپيا ٻيا ڏنڊ، معنيٰ پنج رپيا. اجايو رُلي ويندين غريب ٿو ڏسجين. ٻه رپيا مونکي ڏيئي ڇڏ، ڪنڊڪوٽ اسٽيشن جي ٻاهر ڪرڻ منهنجو ڪم. اهو تڪرار هليو پئي. نيٺ حل ٿي ويو هوندو. ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.

هيبت شهيد اسٽيشن تي ڪجهه پوليس وارا ٽن نوجوانڙن کي هٿڪڙيون هنيو، اسان واري دٻي ۾ چڙهيا. چؤطرف اکيون پٽجي ويون. پوليس وارا بي نيازي سان اچي ٻن ٻروچن جي مٿان ويٺا. جن اٿي کين جاءِ ڏني ۽ ڇوڪرا پوليس وارن کان پهرين اٿي ويهي رهيا. مون ڏٺو ته ٻن ڇوڪرن کي اڃا ڏاڙهيءَ جا آثار به پوريءَ ريت نه هئا. پر سندن منهن تي معصوميت به نه هئي. عجيب بي پروائيءَ سان ويٺا هئا.

ڪاڪي مونکان آهستي سان پڇيو، ”شائيڻ شا ڪيو آهي هنن، ڏارو هنيو اٿن؟“

مون هڪ پوليس واري کان پڇيو، جيڪو اسانجي سيٽ تي اچي ويٺو هو، ”نه سائين، جيئي سنڌ وارا آهن!“

ٻهاولپوري مئنيجر ۽ هڪ ٻه ٻيا ڏهلجي ويا ۽ ڪاڪي به ڪين الائي ڇا سمجهيو. هنجون اکيون اڃا وڌيڪ پٽجي ويون. مون مرڪي چيو، ”ڪاڪا وڏا ڏاڙيل آهن.“

گرمي ۽ گهٽ. تکي تو واري آس، جڻ ته سچ، انسانن جي عشق ۾ بنهه هيٺ لهي آيو آهي. ماڌو آرام ۽ تذڪار لاءِ پنهنجن گهرن ۽ وڻن جي ڇانوَ، وڇڻن، جهلين، پنکن ۽ برف جو سهارو وٺڻ ۾ سرگردان.

اهڙي سمي سڙڪ تان آواز آيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو، ظلم ٿي ويو....“ وري به ساڳيو آواز گونجيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو! انڌير ٿي ويو....“

ماڌو گهرن مان ائين ڀڳا، جڻ ته ڏرتي ڏٻي هئي، ۽ ان شخص جي چوگرد گڏ ٿيڻ لڳا. ان شخص جي پٺيءَ تي قميص مٿان تازي وهيل رت جا داغ هئا. هو سهڪي ۽ ڏڪي رهيو هو. ماڌن جو هو ڄاتل سڃاتل هو. هو مسلم ليگ جو مکيه ورڪر هو، ۽ پارٽيءَ جي جلسن ۽ جلوسن جو انتظام ڪرڻ ۾ پڙ هو. چونڊن جي زماني ۾ پنهنجي جماعت جي اميدوارن جي ورڪ ڪرڻ لاءِ هنجي خاص ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي. هو نيشنل گارڊ جو سالار پڻ هو.

ماڌو سڙندا ويا. هن تقرير جي انداز ۾ ٻڌايو، ”مان ۽ ٻيو ڇوڪرو هندن کي اڪيلا ملي وياسين. هنن چاقن سان اسان تي حملو ڪيو. هو ڇوڪرو ته اتي ڪري پيو، مان جان بچائي هتي پهتو آهيان.... ڏسو هي رت وهي رهيو آهي. اسانجو قصور فقط اهو آهي ته پاڪستان جي گهُر ڪريون ٿا.... اسين وير وٺنداسين، اسين وير وٺنداسين.“ پوءِ هن نعرا هڻايا: ”ليڪي رهينگي.... پاڪستان.... نعره تڪبير.... الله اڪبر....“

چڻ پيٽرول کي تيلي لڳي. ماڌو جوش ۾ اچي ويا ۽ پنهنجن گهرن ڏي ڊوڙيا، ۽ جيڪو هٿيار هٿ آين سو ڪڍي ٻاهر نڪتا. لٺ، ڏنڊو، سوٽي، ڪات، ڪهاڙو، بندوق.

پوءِ هو رستن تي ٿي بيٺا ۽ ڇڻن پنجن واٽهڙو هندن کي ڍيري ڪري وڌائون. اها خبر شهر ۾ پکڙجي ويئي. هندن به جوابي حملا شروع ڪيا. سڄو شهر هندو مسلم فسادن جي لپيٽ ۾ اچي ويو، ۽ پوءِ پورو بهار جو صوبو. ڪيترائي قتل، ڦرَ لٽَ ۽ باهين ڏيڻ جا واقعا ٿيا.

هي شخص، جو نيشنل گارڊ جو سالار هو، سو قدوس هو. اصل ٿيو هينءَ هو، ته قدوس هڪ مسلمان ڇوڪري کي ريهي

ريبي ڪنهن ويران جڳهه تي وٺي ويو، ۽ اتي چاقو ڏيکاري هن سان زوري ڪيائين. ڇوڪري جي ڏمڪائڻ تي ته هو مائٽن کي وڃي ٿو ٻڌائي، قدوس بدناميءَ جي ڊپ کان، هنجو گلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ پاڻکي به پنيءَ تي چاقوءَ سان ڇهڪ ڏيئي، اچي مسلمانن کي هندن خلاف پڙڪايائين.

هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن جا ڀيريان فساد بهار صوبي ۾ ٿيا هئا. پوءِ ٻين به ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ اها آگ ڀڙڪڻجندي وئي. نيٺ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. قدوس پنهنجي ديس ڇڏڻ ۾ دير نه ڪئي، ۽ اچي بينگال جي ڍاڪا شهر ۾ پهتو.

ڍاڪا جو شهر. شهر جي ٻاهران اترئين طرف، تيج گائون وٽ هڪڙي ڪالونيءَ جو خوبصورت باغيچو. ٽيهريءَ جو وقت. ڏاڍي وٽندڙ ۽ ڇوهي هوا. سهڻا وڻ ۽ ساوا ٻوٽا پنهنجي من موهن ۽ رنگا رنگي گلن سميت جهومي رهيا آهن، ۽ سونهن، ناچ ۽ مستيءَ جو بهترين ڏيک پيش ڪري رهيا آهن. پري پري تائين سارين جون سايون سايون ٻنيون، ڳاڙهن گلن وارا گل مهر جا وڻ، ور وڪڙ نهر ۽ جُهڙالو ڏينهن، فضا کي دلفريب بنائي رهيا آهن.

اهڙي سڳند ڀريئي وايو منڊل ۾ هن سر زمين تي پيار، اميد ۽ آتت ڀريا گيت گونجندا آهن، ۽ بينگالي اهي ڳائيندي ۽ ٻڌندي حالي ته پنهنجي حياتيءَ جا ڏکڙا ڀلجي روحاني تازگي محسوس ڪندا آهن.

پر هينئر اتي هڪ سياسي جلسو هو. ان ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪرن جي ڦاٽل وات مان نغمن بدران بي سُرا ۽ بي معنيٰ قومي ترانا، ۽ گاريون ۽ گپوڙا نڪري، پاڪيزهه فضا کي مڪروهه بنائي رهيا هئا.

هڪ تقرير ڪندڙ تقرير ڪري رهيو هو: ”...اسان پاڪستان ناهيو، اسان پاڪستان خاطر جان ۽ مال جون قربانيون ڏنيون، اسان پنهنجا گهر ۽ گهات، محل ۽ ملڪيتون، بنگلا ۽ ماڙيون، هٽ ۽ ڪارخانا ڇڏي فقط اسلام ۽ پاڪستان واسطي هتي آيا آهيون. هتي جا رهاڪو اسلام کان بيگانا هئا، اسان اچي هنن کي اسلام جي شمع ڏيکاري، هنن کي نه رهڻ سهڻ جي تميز هئي ۽ نه کائڻ پيئڻ جي، هي هندن جا غلام هئا، هتي جي تهذيب هندو تهذيب آهي،

اسان هنن کي اسلامي راهه تي آڻڻ چاهيون ٿا. هنن جي زبان گڏهن جي زبان آهي. هو اسانجي اردو زبان جي مخالفت ڪن ٿا. هنن کي ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان اردو زبان لاءِ بڻيو هو. بينگالي غدار آهن، هندستان جا ايجنٽ آهن. عوامي ليگ ۽ ان جا اڳواڻ غدار آهن، اسلام جا دشمن آهن...."

اوچتو ميڙ جي هڪ پاسي مان بينگالين ۾ نعرا بلند ٿيا، ۽ گڏوگڏ اسٽيج تي پٿرن ۽ سروٽن جي بارش شروع ٿي ويئي. هڪ سروٽو تقرير ڪندڙ جي نرڙ تي وڃي لڳو ۽ هو رت ڳاڙيندو، جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳو.

هي تقرير ڪندڙ ساڳيو ئي قدوس هو.

شهر جي هڪ ميڙ ۾ هڪڙو شاگرد، قاضي نذرالاسلام جو بينگالين ۾ نغمو ڳائي رهيو آهي:

– چئي ڏي، اي جوان مردا! چئي ڏي ته مان سربلند آهيان!
– ايترو سربلند، جو هماليه جي چوٽي به منهنجي اڳيان جهڪيل آهي؛
– مان سرڪش، سنگدل ۽ آتش زبان آهيان؛
– مان قيامت جو دوست، طوفان آهيان، دهشت آهيان؛
– مان دنيا جي لاءِ سراپا هلاڪت آهيان؛
– چئي ڏي، اي جوان مردا! چئي ڏي ته مان سربلند آهيان!
– مان باغي آهيان ۽ وطن جو سرڪش اولاد؛
– منهنجي راهه ۾ جيڪا چيز اچي ٿي، تنهن کي مان چوُر چوُر ڪري ڇڏيان ٿو؛
– پنهنجي خوديءَ کانسواءِ مان ٻئي ڪنهن جي به زير احسان ڪين آهيان؛
– مان اسرافيل جي صور جو پڙاڏو آهيان؛
– قيامت جي ديوتا جو جهنڊو ۽ جبرئيل جي لٽ آهيان؛
– جڏهن بگڙجي اٿان ٿو، ته آسمان به مونکان لرزش کائي ٿو؛
– ۽ جهنم به مونکان ڪنبي ٿو؛
– مان شهاب ثاقب، مريخ ۽ دُمدار ستارو آهيان؛
– زهريلي نانگ جي ڦڻ آهيان؛

- مان ان ڏينهن مطمئن ٿيندس، جڏهن مظلوم جي آهه
آسمان ۾ نه گونجندي؛
- جڏهن جنگ جي ميدان ۾ تلوارن ۽ خنجرن جا خوفناڪ
ترانا ٻڌڻ ۾ نه ايندا.

ڪيترا ئي بينگالي شاگرد، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪاهي پيا هئا، ۽ نغمن ۽ نعرن سان، تقريرن ۽ تحريرن سان پنهنجي مظلوم ديس واسين کي سجاڳ ڪري، هنن جا حوصلا بلند ڪري رهيا هئا.

ڍاڪا جو نواب‌پور روڊ. هڪ هندو رستي جي آمهون‌سامهون ٻه وڏيون عمارتون ڏيان ڇڪائن ٿيون. انهن ۾ هيٺان چاليهارو ڪن هٽَ آهن ۽ مٿان ڪيترائي گهر.

ماڻهن جو انبوهه انهن مان ڪيترن ئي هٽن جي پيچ ڊاهه ڪري رهيو آهي، ۽ گڏوگڏ ڦرلٽ ٻه چالو آهي. هڪ عجيب وحشتناڪ هنگامون آهي. ماڻهو نعرا هڻي رهيا آهن، واڪا ڪري رهيا آهن، دڪانن جا دروازا ڀڃي رهيا آهن، شيشا چڪناچور ڪري رهيا آهن، اردوءَ ۾ لکيل بورڊ لاهي ۽ ساڙي رهيا آهن. مٿان ڪيترن گهرن مان باهه جون ڇپون نڪري رهيون آهن، ۽ دونهين جا بادل هوا جي تهن تي تري رهيا آهن. ڪيترا ماڻهو هٽن مان لُٽيل شيون ڪلهن ۽ ڪڇن ۾ قابو ڪيو ڀڄي رهيا آهن.

سڄي اوڀر بينگال ۾ اهڙا نظارا عام آهن.

هنن ٻنهي عمارتن جو مالڪ اهو ئي قدوس آهي. هنجي پنهنجي اصلي پرڳڻي ۾ پنهنجي ملڪيت پنجن هزارن جيتري به ڪونه هئي، پر هتي هن پنجن لکن‌جو ڪوڙو ڪليم ڀريو هو، ۽ انجي بدلي ۾ ڪيس هڪ هندو وڏجاري جون هي ٻئي ماڙيون مليون هيون، جن جو ملهه ويهن لکن کان وڌيڪ هو.

ڪليم جو سرشتو ڏاڍو سولو بنايو ويو هو. ڪو به پناهگير، ڪي ٻه ٻه اهڙا ماڻهو، جي هنجا ڳوٺائي هجن، تنڪان تصديق ڪرائي اچي ته هنجي هندستان ۾ برابر ايتري ڪ هيتري ملڪيت هئي، ته هنجي اها دعوا قبول ٿي ڪئي ويئي. سڄو تولو ئي سندن هو. دعوا ڪندڙ به پاڻ، شاهد به پاڻ ۽ ڪامورا به سندن. حقيقت

۾ 'ڪليم' جو قانون پناهگيرن واسطي الہ دين جو جادوءَ جو چراغ ثابت ٿيو هو.

سو قدوس کي ڪوڙو ڪليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ ٿي. هنکي هي ٻئي ماڙيون مليون. انهن ۾ چاليهارو کن مسواڙي هٽ ۽ ڏهہ کن گهر هئا. هو انهنجو مالڪ ۽ لکاپتي بنجي ويو.

جيڪي بينگالي انهن هٽن جا اصل مسواڙي هئا، تنکي مالڪاڻو حق نہ مليو. نتيجو اهو ٿيو جو انهن مان ڪيترن کي اهي دڪان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو، حالانڪ آهي اصل اتي جا رهاڪو هئا، ۽ ورهين کان وني اهي دڪان هنن جي گذران جو وسيلو هئا. هنن دانهون ڪوڪون ڪيون، پر ڪنهن ’قوت‘ بہ ڪونہ ڪيو.

بينگالين سان اهڙي قسم جون هزارين بي انصافيون ٿيون. پوءِ احساس جي هڪ لهر اپري، دماغ کي چيڙڻ واري لهر، دل کي تڙقائڻ واري لهر، ننڊ ۽ آرام ڦٽائڻ واري لهر، جيڏو رهڻ لاءِ مقابلو ڪرڻ جي لهر. هنن محسوس ڪيو تہ هي ڏاريا مور ڳو ئي اسانجي هٿان پاڙ پٽڻ ٿا چاهين. هنن جو مٿو جاءِ آيو، ۽ پنهنجن جائز حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جاڳي اٿيا. پوءِ دونهي دکڻ لڳي، ٿاندا ٿمڪيا، چڻنگون اڏاميون، پيڙ مٿو، ۽ انجي تتو ۾ سارو ديس تپي ويو. نفرت جو جوالا مکي ڦاٽي پيو. ملڪ، قاضي نذر الاسلام جي نغمن جو نظارو بنجيو پيو:

المناڪيون ختم ٿيون، شعلا بلند ٿيا، دانهون ڇاتي ڦاڙي باهر نڪتيون، هيبتناڪ طوفان آيو، سمنڊ جا بند ٽٽي پيا، آسمان ۾ لرزش آئي، هوا ۾ ڪنوڻين جا چمڪات ٿيا، ڌرتي ڏڪي، ديوتائن ڍالون سنڀاليون....

هنن پنهنجا حق وٺڻ لاءِ ظالمن ۽ غاصبن تي وار ڪيو. غير بينگالين جي دڪانن کي لٽيو ويو، ۽ هنن جي گهرن تي حملا ڪيا ويا.

قدوس جي ٻڌي واپار جو دڪان بہ ڦريو ويو، ۽ هنجي ساري ملڪيت تباهہ ڪئي ويئي. پر هو پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي بچائڻ ۾ وري بہ ڪامياب ٿي ويو، ۽ وڃي ٻئي هنڌ لڪو.

پوءِ پاڪستاني حڪومت فوجي ڪارروائي شروع ڪئي. بيقصور، بيوس ۽ بي هٿيار بينگالين تي بمن، بندوقن، بارود، باهين، توبن

۽ ٽئنڪن سان حملا ڪري، هنن جي رت جون نديون وهايون ويون ۽ باهه جو طوفان برپا ڪيو ويو. بينگالين جا گهر ٻار ۽ مال ملڪيتون تباهه ۽ برباد ڪيا ويا، ۽ دنيا جي بدترين وحشت جو مثال قائم ڪيو ويو.

بينگال ٻري رهيو آهي. ڍاڪا ٻري رهيو آهي. بينگالين جو نالو نيشان متائڻ لاءِ فوج پنهنجي پوري قوت سان ڪارروائي ڪري رهي آهي، جئن ڪنهن دشمن ملڪ سان ڀرپور جنگ جوتجي.

ڍاڪا ۾ شاگردن جي ڪن هاسٽلن کي، رات جي پيٽ ۾، بمن سان اڏايو ويو آهي، جنهنڪري گهڻ شاگرد سڌي ئي موت جو شڪار ٿي ويا آهن. ڪيترن ئي پروفيسرن ۽ دانشورن کي گولي گولي اهل عيال سميت ڪٺو ويو آهي. ڪوڙ پاڙن، بستين ۽ ڳوٺن کي باهيون ڏيئي ختم ڪيو پيو وڃي، ۽ انهن ۾ رهندڙن مان ڪوبه سلامت ڪونه ٿو بچي. هزارين لکين عورتن جي آبرو لٽي پئي وڃي. لکن ڪروڙن جا دڪان، ملڪيتون ۽ مال متاع برباد ڪيا ۽ ڦريا پيا وڃن. ڏيهي پنهنجي ئي ڏيهه ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار ٿي رهيا آهن. ماڻهو پنهنجي ئي ديس ۾ پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور آهن.

هيءَ فوج به مسلمانن جي فوج آهي، جي بينگالي نه آهن.

فوج جي مدد لاءِ پيون ٽوليون به ٺاهيون ويون آهن، جنکي الشمس ۽ البدر جا پاڪ عربي نالا ڏنا ويا آهن. انهن ۾ رضاڪار ڀرتي ڪيا ويا آهن. هنکي فوجي هٿيار ڏنا ويا آهن ۽ هو به هزارين بينگالي ٻارن، عورتن، ٻڍن ۽ بي هٿيارن کي قتل ڪري رهيا آهن.

اجهو هي هڪڙو رضاڪار ڏسو. هي لشڪر جي هڪڙي جٿي سان گڏ آهي. هو چوندي چوندي بينگالين جا گهر سپاهين کي ڏيکاري رهيو آهي. پوءِ سپاهي هنجي اشاري تي اهڙي گهر جو گهيرو ڪن ٿا، ۽ ٻارن ٻچن سميت انهن جو ڪوس ڪري ان گهر کي باهه ڏين ٿا. رضاڪار جي ڏسيل دڪانن کي باهه ڏين ٿا ۽ برباد ڪن ٿا.

اهو رضاڪار پنهنجي چاڙتن جي مدد سان پيوس بينگالي سهڻيون، ڪنواريون ۽ نوجوان نينگريون روز رات جو فوجي عملدارن جي عيش لاءِ انهن کي پهچائيندو هو. جنهن رات پيون عورتون نه ملي

سگھنديون ھئس، تہ ان رات ھيءُ رضاڪار پنھنجون چايون ۽ مائٽياڻيون وچي انھن آفيسرن وٽ پھچائي ايندو ھو.

ھي رضاڪار ساگيو قدوس ھو. ھنجي قوم وارن، پنھنجي پناھہ ڏيندڙ بينگالين جو ڪوس ڪرڻ ۾ فوج جو پورو پورو ساٿ ڏنو. ھو فخر سان پنھنجي فوجي آقائن کي ٻڌائيندو ھو تہ مون پنھنجي ھٿ سان ٻہ سؤ بينگالي جھنم رسيد ڪيا آھن ۽ ھنن جا سوين گھر ۽ ھٽ ساڙيا اٿم.

پوءِ ھندستان وچ ۾ ٽپي پيو. ظالم جي ذليل ترين ھار ٿي، ۽ بينگالين آزاد ٿي پنھنجو آزاد بنگلا ديش بنايو.

قدوس جھڙن ماڻھن لاءِ ھاڻي پڇڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ ڪانہ رھي ھئي. بينگالي انھنکي معاف ڪرڻ وارا نہ ھئا، جن ھنن سان غداري ۽ نمڪحرامي ڪئي ھئي، جي خوني ۽ سازشي ھئا. تنھن ھوندي بہ پنھنجي اڳواڻ جي چوڻ تي ھو زھر جو ڍُڪ پي ويا، ۽ پنھنجي بدلي جي باھہ ٻاھر نڪرڻ نہ ڏنائون.

مگر ٻاھري شور مچائيندا رھيا، ۽ دنيا وارن تي اثر وھارڻ جو جتن ڪرڻ لڳا تہ ھو مظلوم آھن، ۽ ھنن تي ظلم ٿي رھيو آھي، ۽ ھنن جون حياتيون محفوظ نہ آھن.

ڪن ٻھارين پاڪستاني فوجي سپاھين کي پاڻ وٽ پناھہ ڏيئي لڪائي رکيو ھو، ۽ پوءِ وجھہ ملڻ تي ھي سپاھي وري بينگالين کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. قدوس بہ اھڙن شخصن مان ھو جن ھيءَ شرارت ڪئي ھئي.

ان تي بنگلا ديش جي حڪومت گھرن جي تلاشي وٺي، اھڙن سپاھين کي پڪڙي ۽ ھٿيار ھٿ ڪري رھي ھئي. انڪري وري ٻھارين واويلا مچائي ھئي تہ اسانجو قتل عام ٿي رھيو آھي. جنھن تي ئي ريڊ ڪراس وارن جي ھيءَ ٽولي جاچ ڪرڻ آئي ھئي.

ڊاڪٽر ڏنو تہ ٻھارين جي دانھن ۾ رڳو وڏاءُ آھي. فقط پنھنجن ڪرتوتن ڪري ئي انھن مان ڪي ٻاھر ڪم ڪار تي وڃي نہ ٿي سگھيا ۽ بيروزگار ھئا. عام قتل جا ڪٿي بہ اھڃاڻ ڪونہ ھئا.

ڊاڪٽر پنھنجي ڪم جي سلسلي ۾ ھندستان ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ سالن جا سال رھيو ھو، ۽ اتي جي رھاڪن

جي عادتن ۽ اخلاقن کان پليءَ پت واقف هو. هن هميشه مسڪينن ۽ مظلومن جي خدمت ڪئي هئي.

هو بهار ۾ به رهيو هو ۽ سنڌ ۾ به.

جڏهن بهارين جا اهي فرياد ۽ آزي نيزاري ٻڌي رهيو هو ته هنکي ائين محسوس ٿي رهيو هو ته هنن جي دانهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي، ۽ هنن جون شڪايتون جڙتو ۽ بي بنياد آهن، هنن جي پنهنجي ضمير جون ڇهنڊڙيون آهن. هو ڪنهنجي مڪر جي چار ۾ ڦاسڻ کان مٿيرو هو.

هن قدوس ڏي منهن ڪري پڇيو، ”تنهنجو پنهنجو ٻار ٻچو يا ڪو ويجهو مائٽ به گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ قتل ٿيو آهي؟“

هن اوچتي سوال تي قدوس گهبرائجي ويو، ۽ ڪوشش جي باوجود به ڪو ڪوڙ ناهي ڪونه سگهيو. چيائين، ”صاحب، پر منهنجي قوم جا ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن.“

هن ٻين به ٻيئلن مان ڪن کان اهڙا سوال پڇيا، پر انهن مان ڪنهن به ائين ڪونه چيو ته سندن ڪو رت جو رشتيدار تازو قتل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر کي هنن جي منهن تي صدين جي مڪاري ۽ منافقت جا پاڇا نظر آيا.

جڏهن بهارين چيو ته: اسانکي اولهه پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ ڏانهن موڪلڻ جو انتظام ڪيو وڃي، تڏهن، هن محسوس ڪيو ته هنن لچڻن واري قوم کي صالح پسند سنڌين مٿان مڙهڻ وڏي ۾ وڏي زيادتي ٿيندي، ۽ هنجي ضمير گوارا نه ڪيو ته هو پاڻ اهڙي گناهه ۾ حصيدار ٿئي.

**فهميده ميمڻ**

# پوڄي ويو پاندي، ڏيئڙو ڪٽي ڏاهه جو

سليم منهنجو نـنڍپڻ جو سنگتي آهي. ڳوٺ ۾ ساڳئي اسڪول ۾ پڙهياسين، تنهن ڪانپوءِ ڪراچيءَ وڃي ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ به گڏ رهياسين. ايم آءِ جو پهريون سال پاس ڪيم ته بابا سان ڪاروبار جي سلسلي ۾ ٻاهر وڃڻو پيو ۽ ڪيترا سال ملي نه سگهياسين. ڪجهه وقت تائين هڪ ٻئي کي خط پٽ لکياسين، پر پوءِ مصروفيتون وڌيون ته اهو سلسلو به بند ٿي ويو. ۽ هڪ ٻئي جي حالات کان اڻڄاڻ رهياسين. ان عرصي ۾ اها سا خبر پيم، ته سليم يونيورسٽيءَ ۾ اسانجي هڪ ڪلاس فيلو شائسته سان شادي ڪئي آهي. ان تي مونکي حيرت به ٿي هئي، ڇو جو جيتري قدر مونکي خبر هئي، سليم اسانجي ڪلاس جي هڪ ٻي ڇوڪري رابيل کي پسند ڪندو هو ۽ ان پٺيان چريو هو. اسين ٻئي گڏ رهندا هئاسين ۽ هو روز رات جو سمهڻ کان پهرين ڪلاڪن جا ڪلاڪ هنجو ذڪر ڪري ۽ سونهن جا قصيدا پڙهي مونکي بور ڪندو هو. جيتري قدر مون پاڻ ڏٺو هو، ته هوءَ ڪيس ڪا خاص لفٽ ڪانه ڏيندي هئي، پر سليم جو چوڻ هو ته نه فقط هن به ڪيس پسند ٿي ڪيو پر ٻنهي جو پاڻ ۾ 'چڪر' هلندو هو ۽ هنن جنم جنم گڏ گذارڻ جا وعدا ڪيا هئا.

رابيل ڪا تمام سهڻي به ڪانه هئي، پر تڏهن به سندس سانوري ڪومل مُشڪڙي، ۽ سهڻين اکين ۾ ڪشش هئي. سنڌي اک ۾ هوندئن به هڪ مخصوص جوت هوندي آهي جنهن ڪري پري کان پڌري ٿيو پوي. عادتن جي لحاظ کان به هوءَ ٻين ڇوڪرين کان ڪافي مختلف هئي. نهايت ماڻيٺو ۽ گنڀير سڀاءُ هيس، هر ڪنهن سان فضيلت سان ڳالهائيندي هئي ۽ سندس ڳالهائڻ مان ذهانت ظاهر ٿيندي هئي. مونکي هڪ ٻه دفعا هن سان ڳالهائڻ جو موقعو مليو هو تنهن مان اندازو لڳايو هئم ته سليم ڪوڙ ٿي ڳالهايو. مونکي اعتبار ئي ڪونه ٿي آيو ته ڪو هوءَ سليم جهڙي غير سنجيده ماڻهوءَ کي ڪا اهميت ڏيندي هوندي، پر دوست جي دل ٽوڙڻ مناسب نه سمجهي هن جون

ڪونهي، ابتيون سبتيون ڳالهيون پئي ڪيائين. مذاق ڪندي پڇيو مانس، ”اهو نئون ’ضد ميرج‘ اصطلاح وري ڪڏهن ايجاد ٿيو آهي؟“

منهنجي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي هن سوال ڪيو، ”تو ڪي رابيل ياد آهي؟“

”ها ها، ڇو نه ياد هوندي، روز رات جو سندس نالي جو ورد ڪري پوءِ سمهندو هئين.“ مون چرچي مان چيو. ”پر هينئر رابيل ڪٿان ياد پئي اٿئي، ذڪر ته ياچائيءَ جو هو.“

”اڙي يار، ٻڌ ته سهي. رابيل مونکي پسند هئي، مون هنکي روح جي گهراين مان پيار ڪيو هو، پر هن منهنجي پيار جو قدر نه ڪيو، هن مونکي قبول ڪونه ڪيو.“ هن آواز ۾ درد سمائي چيو.

مونکي هنجون ڪيل ڳالهيون ياد پيون، چيو مانس، ”پر تون ته چوندو هئين ته هن توسان جنم جنم گڏ گهارڻ جا وعدا ڪيا هئا.“

ڦڪي مُرڪ سان وراڻيائين، ”پٽ هٿندو هوس. هن ته ڪڏهن سولو منهن ڏئي مونسان ڳالهايو به ڪونه هو... حيران نه ٿي، سچ پيو چوان، جيڪي تصور ئي تصور ۾ هن سان ڳالهيون ڪندو هوس، اهي ناهي جوڙي توکي ٻڌائيندو هوس.“

”پر...!“ منهنجي حيرت جي انتها هئي.

”پر پر ڪجهه نه چئو، منهنجي ڳالهه ٻڌ. منهنجي پيار جي ڪهاڻي ٻڌ.“ هن مونکي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ بنا چوڻ شروع ڪيو: ”رابيل مونکي تمام گهڻي پسند هئي. هنجو سانورو رنگ مونکي شاهه جي سر سارنگ جي ڪنهن سانوري ۽ بانوري ڪڪريءَ جي ياد ڏياريندو هو. هنجي ڪومل ۽ سندر مکڙي جي سندرتا منهنجي من ۾ لطيف لهرون پيدا ڪندي هئي، هنجي سادگي ۽ سونهن منهنجي تشنه آتما جو سڪون هئي، هنجي اکين ۾ مان پنهنجي وجود کي ٻڏندو ترندو محسوس ڪندو هوس، پر هنجي گنڀيرتا ۽ خود اعتمادي مونکي هن سان دل جي ڳالهه ڪرڻ کان روڪيندي هئي. ڪيترا دفعا ڪوشش ڪيم، ڪيس ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان روڪيم، پر دل جي ڳالهه زبان تي نه آڻي سگهيس. هڪ ڏينهن ڊپارٽمينٽ ۾ اڪيلي ملي وئي، ڏاڍي همٿ ڪري پنهنجو حال اوريم. منهنجي ڳالهه ٻڌي سندس منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويو. ــــ شرم کان نه ڪاوڙ

ڪنهن سان ڪجي؟ بلڪل انگريز بنجڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.‘
”هنجو اهوجواب ٻڌي مونکي سڄي سنڌ جي سماج ۽ روايتن کان نفرت ٿيڻ لڳي ۽ هوءَ وري انهن جي ٺيڪيدار بنجي مونکي نصيحت ڪرڻ ويٺي هئي. نفرت وچان چيم، ’ هر ڳالهہ ۾ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي روايتن کي مذهب بنائڻ سان ڪتي ماڻهو انهن کان بہ بيزار نہ ٿي پون. پيار ۾ ماڻهو مذهب ذات پات جو خيال بہ ڪونہ ڪندا آهن، توهان هرويرو ڪٺي پاڪي پنهنجن خود ساختہ اصولن ۾ قيد ڪيو آهي :‘
”هوءَ رڌڻهارڪي ٿي وئي، ڪجهہ چوڻ چاهيائين پر لفظ نڙيءَ ۾ وچڙي پيس، اکين ۾ ڳوڙها تري آيس، جنکي لڪائڻ خاطر تڪڙي تڪڙي اتان هلي وئي. مونکي ندامت ٿيڻ لڳي. ان لمحي مون سوچيو، نيڪ آهي، جيڪڏهن هوءَ ائين ٿي چاهي تہ مان ڪيس تنگ ڪرڻ بجاءِ ڪنهن اهڙي عورت کان پيار جي بيک پنندس، جنهن پنهنجو وجود اهڙين مجبورين ۾ پاڻ نہ ڦاسايو هوندو، ۽ پوءِ مون شائستہ سان ناتو جوڙيو.
”اهو ڇاڻندي بہ تہ روح جا رشتا ائين ڪونہ ڇڄندا آهن، مون رابيل کي نظرانداز ڪرڻ شروع ڪيو، شايد لاشعور ۾ اهو خيال هئم تہ هنکي نفسياتي شڪست ڏيان، هنجي خود اعتماديءَ کي ڌڪ هڻان. شايد ائين ڪرڻ سان هنکي منهنجي پيار جو قدر پوي. هن پٽرتي تہ ڪهڙو اثر ٿيئو هو، پاڻ هنکي ڏسي منهنجو وجود ميڻ وانگر پگهرڻ لڳندو هو.
شائستہ کي پنهنجو بنائڻ ۾ سڀ کان وڏيڪ مدد گار منهنجي ڪار، بنگلو ۽ ٺاٺ باٺ ثابت ٿيا. ٿوري لفٽ ڏنيمانس تہ گيدوڙي جي گگ وانگر چنبڙي پئي. نيٺ اما بابا جي مخالفت هوندي بہ ان سان شادي ڪرٺي پيم. اهو بہ خيال هئم تہ پڙهيل ڳڙهيل آهي، ضرور گهر ۾ سليقي سان هلندي ۽ اما جن سان Mix up ٿي ويندي، پر جڏهن کان آئي آهي روز جهيڙو فساد لڳو پيو آهي. ٿوري ڪٿر نہ ايندس تہ چوندي ’میں تو چلی اپنے میکے‘ ـ يار سڀ سمجهن ٿا تہ اسانجي پيار جي شادي آهي، جيڪڏهن پيڪن ويندي تہ سخت بيعزتي ٿيندي.“
مونکي سليم جي بيوقوفيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، ”واه واه

منهنجا هيرو، تو ته ڪمال ڪري ڇڏيو. رابيل جي ڪردار جي مضبوطي ۽ شرافت کي admire ڪرڻ بدران ضد ۾ پنهنجي حياتي به حرام ڪئي ائين ۽ هن غريب کي به بدنام ڪيو ائين. مون ته هڪي ڪنهن حد تائين سمجهيو هو انڪري تنهنجي ڳالهين تي اعتبار ڪونه ايندو هئم، پر بيا پڪ تنهنجي ڳالهين کي صحيح سمجهندا هوندا. تو کي جي واقعي هن سان محبت هئي، ته شريفانه طريقي سان وڃي سندس مائٽن کان سڱ گهرين ها. پنهنجو پاڻتي اعتماد هجي ها ته پنهنجن مائٽن سان ڳالهه ڪرين ها، ڪين ڪم ظرفيءَ جو ثبوت پيش ڪري ويٺين. هاڻ جڏهن پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو ائين ته واڪا به نه ڪر.“ مون هن تي چوٽ ڇنڊيندي چيو.

ندامت هنجي چهري مان ظاهر هئي. چوڻ لڳو، ”مڃانٿو ته غلطي منهنجي هئي. پر سچ ته هنجي انڪار مون ۾ احساس ڪمتري پيدا ڪري وڌو هو، جنهنکي احساس برتريءَ جو روپ ڏئي هنکي شڪست ڏيڻ چاهيم ته پنهنجون خواهشون، آرزون، توڙي پنهنجو وجود، پنهنجي هستي به هارائي ويٺس. لفظ روح جي درد کي ظاهر ڪري سگهان ها ته تون منهنجي ڪيفيت جو اندازو لڳائي سگهين ها.“ هن ڏکويل آواز ۾ چيو.

هنکي وڌيڪ ڏکوئڻ نٿي چاهيم، سو تسلي ڏيندي چيومانس، ”ويل وقت جي واڳ ورائڻ ته ناممڪن آهي، هاڻ ته ڪجهه به ڪري نٿو سگهجي، انڪري بهتر آهي ته پنهنجي شريڪ زندگيءَ سان نباه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري من کي پرچاءِ.“

”نباه ڪرڻ هڪڙي ڏر جي وس جي ڳالهه ڪانهي. هوءَ مونکي ۽ منهنجي مائٽن کي الائي ڇا ٿي سمجهي. هر وقت اسانکي اهو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، ته اسين ڪنگلاءِ ڇٽ آهيون ۽ پنهنجي مائٽن جي سابقه امارت جا ٺٽاڪ هڻندي آهي. تو کي ته خبر آهي اسانجي ڪافي زمين آهي. ڳوٺ جي جاين کانسواءِ ڪراچيءَ ۾ پنهنجو بنگلو ائين، تنهن ته به چوندي آهي: ’اها به ڪا ملڪيت آهي، امارت اسانجون، هيتريون حويليون هيون. فلاڻو ڳوٺ سڄو اسانجو هو، هتي اچي ته اسين لٽجي ويا آهيون. ۽ وري جيڪو نقشو هوءَ انهن حويلين جو چٽيندي آهي، اهو پڙهي سوچيندو آهيان ته ڏسڻ وارا ۽ تاريخ دان ڪوڙ ٿا ڳالهائن ته هندستان ۾ فقط هڪڙو ئي تاج محل

ڏيڪارڻ معني لوڏي ڪيڻ هو. رسمي آچ به ڪانه ڪيائين، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اسانوت تي سال ۵فت ۾ رهي آيو هو. ٻئي ڏينهن هنکي ٻڌائڻ ڪانسواءِ ٻئي شهر هليو ويس."

سڄو قصو سليم ڏاڍي دلچسپيءَ ۽ حيرت سان ٻڌو. هنجي محويت ٽوڙيندي چيومانس، "سو يار، اهڙيون حويليون هر شهر ۾ هونديون آهن. ويچارا هتي اچي واقعي لٽجي ويا آهن، اسان ڇٽن وٽ ڪٿان آيون اهڙيون شاندار حويليون ۽ انهن جي آزاد زندگي."

کلندي چوڻ لڳو، "يار تون ته جهيڙي وڌائڻ جون ڳالهيون پيو ڪرين. اها ڳالهه گهر ۾ ڪريان ته نوڙهه تي هڪڙو وار به نه بچي. اڳئي گهپي ۽ روز روز جي ڪل ڪل مان تنگ آهيان، ڪا چڱي صلاح ڏي ته چا ڪريان."

"جهيڙي ٽارڻ جو هڪ طريقو اهو به آهي ته گهر الڳ وٺي رهه،" مون مشورو ڏنومانس.

پنهنجي مجبوري ٻڌائيندي چيائين، "ماڻهو چا چوندا ته هن عمر ۾ ماءُ پيءُ کي ڇڏي ڌار ٿي ويو. اجا گهر ننڍو هجي ته تنگيءَ جو بهانو ڪري جدا ٿيان، پر هيئنر سيڪو ڏڪون هٽندا ته هيڏي ساري پنهنجي جاءِ هوندي جوءِ کي وٺي ڌار ٿي ويو. ٻي ڳالهه ته هوءَ صبح جو ڪاليج ۾ پڙهائڻ ويندي آهي. ننڍڙو گل رهي ٿي اما وٽ، الڳ ٿياسين ته ڏکيائي ٿيندي."

سليم جي مسئلي جو ڪوبه حل منهنجي سمجهه ۾ ڪونه آيو. جڏهن هن وٽان آيس ته به هو منجهيل ۽ پريشان هو.

مهيني کن ڪانپوءِ هڪ ڏينهن منهنجي گهر آيو ته بلڪل بيمار پئي لڳو. پڇيومانس، "ٺيڪ ته آهين ڪمزور پيو لڳين."

"ڳڻتين بيمار ڪري وڌو آهي. روز روز جي پريشانين ايترو ته منجهايو آهي جو پانبان ته منهن واهه ڪري پڃي وڃان،" هن جواب ڏنو.

"چو وري چا ٿيو. ڪا نئين ڳالهه ٿي آهي چا."

"ها يار، اڄڪلهه وري هڪ پيو مسئلو ڪڙو ٿيو آهي. تو کي ته خبر آهي، اما کي اردو ڳالهائڻ ڪانه اچي، البت سمجهي ويندي آهي. شائسته اردوءَ ۾ ڳالهائيندي اٿس ته سنڌيءَ ۾ جواب ڏيندي آهي. هيستائين ته ڪم هليو پئي، پر هاڻ جيئن ته گل تورو ڳالهائڻ

ڳالهيون ڪندو رهيو، مون به ڪجهه ڪونه پڇيومانس. فلم ڏسي موٽياسين، ته مونکي گهر تي لاٿائين، چانهن پي وڃڻ لاءِ چيومانس ته ڪجهه سوچي ڳاڙهيءَ مان لهي پيو. چانهن پيئندي پهرين ته فلم کي discuss ڪندا رهياسين، پر پوءِ بي ڪنهن ڳالهه مان ڳالهه ڪيدي پڇيومانس، ”تنهنجي سس اڄڪي هئي سا آئي هوندي.“

”نه ڪانه آئي،“ هن مختصر جواب ڏنو.

”ڇو —؟“

”مون جهلي ڇڏيومانس. شائسته کي چيم ته جي ائين ئي ملڻ اچي ته اسانجي اکين تي. باقي گل کي وٺي وڃڻ جو ارادو اٿس ته لکي موڪلينس اسانجي گهر ۾ پير به نه وجهي، هتي سڀ ڇڙيا وينا آهن،“ هن وراڻيو.

”پوءِ ته ياڇائي ناراض هوندي؟“

”ها، وس پڄيس ها ته مائٽن ۾ هلي وڃي ها، پر سرڪاري نوڪريءَ جي ڪري مجبور آهي. في الحال موڪل ملڻ به مشڪل اٿس، ڪالبج جا امتحان ويجها آهن،“ هن ٿورو مرڪندي چيو.

”ته ڇٻبو تون خوش آهين،“ مون چيڙيندي چيومانس.

”خوش ته خير ڇا ٿيندس، ها مطمئن ضرور آهيان. فيصلو ڏئي چڪو آهيان، جي نامنظور هوندس ته سڀ ڪجهه ڇڏي هلي ويندي، نه ته گل سان گڏ پاڻ به نئين مان ڳالهائڻ سکندي،“ ٿوڪ واري انداز ۾ چيائين. وري ٿورو کلي چوڻ لڳو، ”هونئن في الحال تعلقات خراب آهن.“

”فڪر نه ڪر، ائين پنهنجو گهر ڦٽائڻ سولو ڪونهي. هوءَ توکي ڇڏي ڪانه ويندي،“ مون هنکي تسلي ڏيڻ چاهي.

”هلي به وڃي ته مونکي پرواه ڪانهي، منهنجي لاءِ هن دنيا ۾ ٻيو ڪوبه جذبو ڪا اهميت نٿو رکي، سواءِ پنهنجي وطن جي محبت ۽ ٻوليءَ جي چاهه جي.“

هنجو جذباتي پڻو صحيح راه لڳي چڪو هو.

بيت وايون
وايون، نظم، بيت
وائي
نظم
نظم
غزل
غزل
دوها
غزل
وائي
وائي

# شعر

شيخ اياز
قمر شهباز
سروپچندر "شان"
اِمداد حسيني
سحر بلوچ
پير بخش پياسي
ميرمحمد پيرزادو
منظور قريشي
انور
صدرالدين شيخ
شمشاد مرزا

شيخ اياز

# آزاديءَ جي راهه ۾

آزاديءَ جي راهه ۾ ڪُجهه بہ نہ آجايو،
لالنَ اتي تو دير سان لايو سجايو،
سو بہ تہ ڪنم آيو، ڪندُ ڪريو جو پندَ ۾.

ڪندُ ڪريو جو پندَ ۾ وڏّي تيو وڻّ،
آزاديءَ جي راهه ۾ چانوَ ڪري، تو چڻُ،
وَڪَّ ورتيءِ (١) ڪڻُ وَرُ جو مٺو ماڳ ۾!

هوُ جي مٺا ماڳ ۾ چڻُ ڪي اوچا بڙَ،
وَڍيڻ ڪيڏا وَڙ، پانڌي ڪيا پندَ ۾!

جيهر مرَ جيهر مر ڏيئڙا آهي سارو پندُ،
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪندُ، جرڪي تو ان جوت ۾!

ڪندُ ڪريو جو پندَ ۾ چڻُ ڪا ڏياتي،
اڪ جئن اونداهي نہ آ گوندَر (٢) جي گهاتي، (٣)
وِڪَّ نہ وِهاتي، پويان ڪنهن جي ماڳ ۾.

آهڪي آهي راهه، آزاديءَ جي پائڙا،
جهي تو سانگو ساهه، پيرُ نہ وجهه تون پندَ ۾.

---

(١) وِرتري — تيز (٢) گوُندر — غم
(٣) گهاتيِ — پهاڙي پيچرو، لڪ

آهي موتَ مٿيارَ آزاديءَ جي راهه ۾،
اُسهين ته آجو ٿئين پسين پرينءَ پارَ،
مَرين ته به امرَ ٿئين وڏين ويرو تارَ،
جڻن ڪا سنڌوءَ ڌارَ، سدا رَهي سيرَ ۾.

ڏسڻ نه ڏڳڻ ڏَڙَ، وڪڻ اچا ڪَر وتري،
مَري پنهنجي پاڻَ سان ويڙهَن ڪيا وَڙ،
اُنهن نه آوءَ کَهڙَ، جن تي اوچَڻُ آپڻ جو.

آزاديءَ کان اوپرا تون نه اسان جو ياءُ،
تون ڪو پتَّر پَنڌ ۾ اسان اُتَّر واءُ،
اسان تڏي آءُ، سانگو لاهي ساهه جو.

هيءَ نه پوَنر پوُن، ڪومَلَ ڪنولَ هينئڙا!
چِنن چاتي اُپڻ جي هِتڙِ چتيون چوليُن،
سو چا چاٽين تؤن، مان جنهن چوهي چوهه (١) ۾!

جي توُن ويهي واتَ تي پُسين ڪو ئي ڳالهه،
ءِ ڏين سونهن سڳنڌَ جو مَهل وجائي مُلهه،
اسان ساتِ نه چِلَ، پنڌ پري آ پانڌيا!

وَري آچٽي ناهه سا جيڪا وَئي ويرَ،
ڏِسُ هوءِ واريءَ ڏيرَ، پنڌ پري آ پانڌيا!

پنڌ پري آ پانڌيا تارن ڏي به نه تڪِ!
متان لَڏي لڪِ، تنهنجي وَڪڻ ڏَري ڏئي!

لڳن پنهنجي لوُنءَ جي آهي پرينءَ پارُ،
جتي سوُنهن سڳنڌَ ۾ تري تو سنسارُ،
وڃڻ نه وِجهه ويچارُ، متان وِڪ ڊري ٿئي!

---

(١) چوهو – طوفان.

# ڀيءَ جو بدلو

آبّا! تنهنجو رَتُ، اُڀري آيو وات ۾،
ها، مون هاريو پٽُ، جان تو ويري جيئرو.

هيءَ ڪُهاڙيءَ ڏارَ ڇنُ ڪا ڪتي سڄّ جي!
آبّا! تُنهنجي رَتُ جا مون تي ڀاري بارَ،
تيسين نِنڊَ مَيارَ، جان تو ويري جيئرو.

مون تي نِنڊَ ميارَ آ آبّا! مون سوڳنڊُ،
جيسين مان ڪيرائيان تُنهنجي ويريءَ ڪَنڌُ،
مون نہ پٿاريو هَنڌُ، هُن سان ساڳيءَ ڍِڱِ تي.

آبّا! تُنهنجي نانوَ سان مُنهنجو اوچو ڳاٽُ،
سورهيہ! تُنهنجي سَڄّ جو چوڏاري چمڪاٽُ،
لِڪئي ساڻُ لِلاٽُ، چمڪيو چوڏينهن چَنڊ جان.

موتُ نہ هر ڪو ناڻُ تو واريءَ تي واري،
مڙس اُهو جو مَٿهل تي مَري، يا ماري،
ڏري يا ڏاري، اُڀري ڏونگرَ ڏاڍَ جا.

مان ڪيئن لوءَ لڄائيان تو نہ لڄائي لوءَ،
آبّا! تو ڪان پوءِ، آهہ ڪُهاڙي ڪَڇّ ۾.

آءٌ، ڪهاڙي ڪَڇّ ۾ ۽ مون هي آٿتُ،
رَت کي ڌوئي رَتُ، رَتُ نہ ڌوپي نير سان.

# وائي

جهيڙي ۾ جهونجهار يار ساٿي سڄ آيار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ڇڻ ڪاڪتن سيج جي آهه ڪهاڙيءَ ڌار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ديدو لسيءَ ڏک سان، ڪيهڙيءَ ۾ ڪيڪار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

ڏيهي منهنجي ڏيهه جا ماڻهو ميگهه ملار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

مولهيا مولهيا ماڳ ۾ لکين سات سچار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نيٺ ته وڃهندءَ ڏاڍ جي ڏونگر ۾ ڏهڪار يار!
مون مَن اوهان موهيو.

نيٺ ته وسندا مينهڙا ٿيندا سنڌ سڪار، يار!
مون مَن اوهان موهيو.

# وائي

پـــالَ پلا پئي پاڙا مَرڪي تُنهنجي مـــاءُ،
موت نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

ڪارو گُلُ گُلاب جـــو توتي گُولِيءَ گهاءُ،
موت نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

تـــارن رُتيءَ رات ۾ تنهنجو رَتُ تـــلاءُ!
مون نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

انبائـــيءَ جـــي آنت ســان ٽيندو هيجَ هَگاءُ،
موت نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

صديـــن لاءِ سُگندَ مـان ايندو تُنهنجو ساءُ،
موت نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

ديسُ مَلهائيءَ مـــوتَ سان منهنجا بـــاغي پـــاءُ!
موت نہ تنهنجي مَاتِ ڙي!

قمر شهباز

# وايون

جي هوت هلين تون پيرُ پري، مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

ڪوئي ڀَوُ ناهي ڀَرِ وارن جو، جي چم چم چمڪا چير ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

اڄ بادل بيهي برسيو آ، اڄ سرتا، توريءَ ڪين سَري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

جي جاڳ اسانجي واڳ ونئي، پوءِ ڇا ٿيو جي آ پنڌ پري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

هي ڪُوڪ ترڪُسٽيءَ ناهه ڪڌهن، پل ڪوئل ڪوئي قيد ڪري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

پوءِ جڳ مڳ جڳ مڳ ڏرتي آ، جنهن ويل لهوءَ جي لاٽ ٻري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

سَوُ ڪيپَ چڙهن سرواڻ تي، جي طوفانن ۾ تيرُ تري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

هيءُ پيچل تنهنجو ٻانهو آ، جو راهه جيان سِرُ ڏار ڌري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

مون منزل اهڙي ماڻي آ، جت ڏينهن تپي جت رات ٺري
مان پيرين پيادي هلندي سانءِ.

رُوُپو رانـــد وجائي ويٺو، ســـو ئي دلڙيءَ داغُ ڪٽيو
ڏِيُن چا چاڻين، تنهنجي آئي، مٿن تان غم جو بار گهٽيو
سوئي دلڙيءَ داغُ ڪٽيو.

محفل ۾ مانداڻ مـتـو آ، ڪير ٻجيو ۽ ڪير ڦـٽـيو
سو ئي دلڙيءَ داغُ ڪٽيو.

سودي ريءَ سنسار سجو آ، لوڪو عـاڻـي لـوڙهہ لٽيو
سو ئي دلڙيءَ داغُ ڪٽيو.

هرسوُ موتيو مهڪي پيو آ، شـــايـد ڪي منثار مـٿيو
سوئي دلڙيءَ داغُ ڪٽيو.
رُوُپـو راند وجائي ويٺو- رُوُپـو رانـــد وجائـي ويٺو.

---

ڦٽڪي ڦٽڪي ٽڪجي پيو آ، هـــارايـــل انسان الا،
مـــوت منهنجو مهـمان الا، اڄ موت منهنجو مهمان!

اونداهيءَ جي انت-تري ۾، گهائل مٿن جو گيانُ الا،
موت منهنجو مهمان-!

تيرَ جو تيڙڪو ڪونہ سُجهي ٿو، اونداهو ايوان الا،
موت منهنجو مهمان-!

پـَل جي پاڇي، ڪارڻ ماڻيم، سوُرِي سيجَ سمان الا،
موت منهنجو مهمان-!

جيون جوالا ٻجي جرڪيو، شعلن جـــو شمشان الا،
موت منهنجو مهمان-!

هاءِ حياتي ڏنگ ڏکن جو، سـورن جـــو سامان الا،
موت منهنجو مهمان-!

پريم آمر آ، پريم تہ آهي ماڻهوءَ ڪان بـہ مهان الا،
موت منهنجو مهمان-!
اڄ موت منهنجو مهمان-!

قمر شهباز

# نظم

جت رڃ رڙي، جت ساه سڙي ۽ آه نه ڪو انسان ڪري،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي- ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي.

جت پريت نه ڪو پرڀاءُ هجي، ۽ ڳهاءُ مٿان سَوُ ڳهاءُ هجي،
جت راڳُ نه ڪوئي رنگ هجي، جت چنگُ رڳو پيو ڏنگُ سهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

جت واڳونءَ جهڙا واتَ سوين، ۽ ڏائڻ ٻڌجي ذاتِ لنوين،
جت ساوڻ آئي سانڻُ نه ٿئي، ۽ ڏاوڻُ ڏک جو ڪينَ لهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

هوُ ڪارا ڪارا بادل ها، جي پريتم جهڙا پاڳل ها،
هوُ ترسيا ها ۽ برسيا ها، جيئن نينهن وچان ڪو نارُ وهي،
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

مون اوچا اوچا ڪوٽ ڏٺا، مون ڳهائل ڳهائل ڳهوٽ ڏٺا،
ڇا ڇا نه ڏٺو مون دنيا ۾، ڪيئن لوڀي نوڳيءَ سان ٿو نهي.
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟
ان ڌرتيءَ تي ڪو ڪيئن رهي-؟

# بيت

ليڪُن لوهُ لڳي، هٿڙن لهن هٿڪڙيون،
ماٺوئڙي جي ماسَ تي، ناهُ نه ڪو نهي،
ريدو روح رهي، شل ڪانڌ نه رهن ڪوٽ ۾!

ڪانڌَ نه رهن ڪوٽ ۾، جانب جيئندا هون،
نه ڪي راتيون رونِ، نه ڪي ڏکيا ڏينهڙا!

ڪانڌَ نہ رهن ڪوٽ ۾، گيت نہ تين گهائل،
اُنهن لاءِ آيل، ٻَرَ ۾ ٻاريم ٻاهڙي!

ٻَرَ ۾ ٻاري ٻاهڙي، ويٺي ورهيہ ٽيا،
سورهيہ منهنجي سنڌ جا، ڪهڙي پار ويا،
مرڪي ماڳ پيا، سودن جي سنيهہ سان!

منهنجو ماڳ نہ پڇ، منزل گهڻو دور،
پريت تہ آهي پوُرَ، وطن تان واري ڇڏيان!

سر ويچندر 'شان'

# واڏي

هرڪو ويٺو سون سهيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

دولت - ڊوُنڊي تي ڪِجھ جان هرڪو ويٺو پنک پکيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

خوُد غرضي ۾ ڪوٽ جا هرڪو ڪيت ڪِلي پيو ڪيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

من - تارن ۾ تڙپن نغما، ڪوئي ڏسي جي چيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

گهاءُ ٻہ گُل گُلابي تيندا، پيار ڪين جي تيڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

لڙڪن جا ٽا موتي جَرڪن، ڪير آهي جو ميڙي،
دل جو درد نہ ڪوئي چاڙي.

اِمداد حسيني

# سوچ لوچ

ڪانگ ڪالهوڪران پٽي منهنجي اڱڻ تي ڪا مِٺي لاتِ لنئو
ڪير ايندو؟
ڪير ايندو منهنجي گهر قربَ ڪري پيرَ پري
صبح ڪان هڏڪوئي به هئي، اڪ به پٽي منهنجي ڏڪي
ڪير ايندو؟
ڪير ايندو منهنجي گهر هيرَ جيان اڄ گُهاندو؟
جيترا نانءَ مونکي ياد هئا
واري واري سان سمورن کي اُچاريم، ليڪن
ڪنهن به نالي تي نه ڪا دل ڌڙڪي
نه وري روح جي پاتال مان ڪا لهرَ اُڀري
ها اُها لهر، جا هن سوچ جي هن لوچ جي هر شهر کي هر ڳوٺ
پاڪر ۾ پري، پاڻ سان گڏ لوڙهي وڃي
هٽڪڙيون زيريون زنجيرون سيئي ٽوڙي وڃي!

ڪير ايندو؟
آءُ سوچن جي اَڪنت رُڃ سَڃ ۾
پير چِٽِلا ڪري لوچيندو رهيس
سجُ لٿيو_ چنڊ چڙهيو، جُڳ گذريو
.... اوچتو سڏُ ٿيو_ سڏُ پڙاڏو ٿي ويو
جيءَ چئي پڙڪو ڏنم، ڏس ته سهي
تنهنجو نالو ته مونکي ياد ئي ڪونه آيو سڀاجها سائين!
چو ته تون مونکي ڪڏهن وسري سگهيو ئي ناهين
نيچ نيچِ آئين ۽ جيءَ جيءَ آئين
مون وڏي پيرَ چُهيا، تو کٽي پاڪر ۾ پريو
”تو جئي سنڌ چيو، مون به جئي سنڌ چيو“
ها، اهو تون هئين تون، پٽَ ڏٺي!

سحر بلوچ

# دل ديول

آڏيءَ آڏيءَ ٽڪ ٽڪ تي هئي
دل ديول جي در تي سائين!

عيسيٰ جهڙا اُبهم جذبا
مريمَ جهڙي مُرڪَ تِڙي هئي
دل ديول جي در تي....

پورنماسي، پُورَ پرينءَ جا
سُرهي سُرهي هيرَ گُهلي هئي
دل ديول جي در تي....

ڪُنهبي رَتڙي، سيتل سانجهه
هردي هردي پيچَ پيئي هئي
دل ديول جي در تي....

سارا ڳاڙها پيرَ چِٽي پيا
رُت رسيليءَ لاڪَ رَتي هئي
دل ديول جي در تي....

چنچل چوري چاجي ڪارڻ
پل پل، ڪن ڪن دل ڌڙڪي هئي
دل ديول جي در تي....

## پير بخش پياسي

مرڪي ماڻهوءَ جو جي من،
ته صحرا بڻجي پئي گلشن.

غواص هجن سوجهي جي ڪين،
تار منجهان موتي سمنڊن.

سارنگ سانگين سائو ٿئي تر،
جل ٿل بادل بيهي برسن.

نينهن نظارن ۾ ٿي ظاهر،
تنهنجو دوست ٿئي دشمن.

اونده رات جو سينو چيري،
آيري سحر صبح روشن،

پيجل ڏياچ اکيان ٿي ٻولي،
چڙجي جان گهوري قدمن.

پيار سجائي ويچا وساري،
ٿئي نه ڪنهنجو ڪو دشمن.

پن پن مکڙين ٿهڪ ٿئي،
يونئرا تن مٿان اڏرن.

تاريءَ تاريءَ ٿهڪ ۾ تيز،
مکڙيون غنچا گل ڪرڻن.

'پياسي' سر جو داءُ لڳي،
سنڌڙيءَ ساه وڃي چرڻن.

سوزن سوَ سوداءُ ڏنئي،
زخمن ڪيئي گهاءُ ڏنئي.

آڳ ٻري جا من ۾ پيئي،
مرڪو تنهن پيو تاءُ ڏنئي.

پورن جي دنيا ۾ پلپل،
پنهنجن ڪي پڇتاءُ ڏنئي.

سوڳند سنڌڙيءَ جي ئي خاطر،
هوشوءَ سر جو داءُ ڏنئي.

باگهي ڏيئي سنڌ ڪيئن ماڻي،
دودي، جهڙو پاءُ ڏنئي.

نوريءَ نئڙت ناز و نياز،
سمين گيرب گاءُ ڏنئي.

جن جن تو لاءِ گيت چيا تن،
پيار ڪٿي اڄ ماءُ ڏنئي.

جو به ملي هن ڌرتيءَ تي سو،
سانئڻ ڪٿ سرچاءُ ڏنئي.

موتيو سڏ پٽ گنبذ تان چڙهي،
پيجري بند پڙلاءُ ڏنئي.

انور

●

ڪوبه شڪاري هن بن ۾ جاليندو ڪيئن،
لامون لڪڙيون ڏار پڄي پيا آيا شينهن.
آ سنڌوءَ پنهنجو ڪر موڙيو ۽ ڪڇو پڌو،
اڄ ماروئڙن جي مات نہ تيندي وسندا مينهن.
مان توکي چا چا سمجهايو هو، سچ چيو هو،
ڪيڏي تــو ڪنتار ڪئي ايـاڻــي جيئن.
توکي کهڙي ڪل تہ مارو منهنجا هن املهہ،
جن جي چاپڙ، پاهو وهندو رهندو راتو ڏينهن.
سانيڪن تـي ٿـر جـا ور ۽ سينڌياڻيون اڄ،
ڳائي ڳيچ، ڳراتيون پـائي وهـہ نباهن نينهن.
جيئن تو گوڙ ڪري هي بادل تيئن تا جهومن،
اوچا ڳاٽ پڳون ۽ اجرڪ جيئن جـو تيئن.
ســچ سدائين اڀــرو رهندو، سونهن ســدا،
دل جـي ديول جرڪائيندي ســورج جيئن.

صدرالدين شيخ

# وائـي

ڏرتـي منهنجي جيجل ماءُ،
وڪ وڏائـــي اوري آءُ.
لڙڪ لهوءَ جا اکين پايان، پوتر مٽي ماٿي لايان،
دل جي ديوي اوري آءُ.
اکيون آليون، سينو گهايل، پيرڙيون ۽ چپ آڇايل،
لڳي آه توکي ڪوسي واءُ.
سينڌ سنواريل رت ۾ ريٽي، ٻچڙا تنهنجا ڦٽڪن ليٽي،
آپ ۾ آيريـو ڏهڪاءُ.
ويري تـوتـي وارو وار، لڇان روئان زارو زار،
هيڏا هاڃا توسان ماءُ.

شمشاد مرزا

# وائـــي

مـــارن مـــچ مچايو هاڻي،
من من پريو زهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

دل ڄڻ ديول ٻانهون پاڪر،
ڦريو ساڳو شهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

گيت غزل تنهنجا توکي پرتا،
سڪٽي سوچ جي بحر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

موهيو مـــن مهراڻ اجـايو،
ٽر بر ٽوڙيو سحر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

وڃ وکـــر هــو قهر خدائي،
مارُو هڻڙي قـهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

سنڌوءَ سوا تون ڪنهنجي ناهين،
بـار پيا بـــ مهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

مـاري مومل آهـــي پل پل،
لال لهوءَ جي نهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

هـــي جياپـو آهـــي جيجان،
وسريا گذريا پـهر او سنڌڙي؛
ڇڏيون توکي ڀول.

وقت جو آواز (تقرير)
۴- مارچ ۱۹٦٧

# مضمون

شمشير الحيدري
مسعود نوراڻي

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

شمشير الحيدري (تقرير)

# وقت جو آواز

منهنجا دوستو، بزرگو، ساٿيو، هاريو، مزدور ۽ شاگردو.

مونکي چڱيءَ پر ڄاڻ آهي ته هن طبقاتي ڪشمڪش جي زماني ۾، سڀ طبقا يڪجا نه آهن، ۽ هر ڪنهنجي ملڻ جو ميدان الڳ الڳ آهي، تنهنڪري ڪي طبقا هتي موجود نٿا ڏسجن. اڄوڪيءَ ڪچهريءَ ۾، ان ڪري، امر جليل وٽ هارين جو طبقو، مزدورن يا انگ اگهاڙن جو طبقو هلي نه آيو آهي. پر اديب جو زندگيءَ سان مجموعي واسطو آهي، سو ته اوهين سڀ ڄاڻو ٿا. اوهين سڀ ان ڳالهه کي مڃو ٿا ته ادب جو مقصد عوام سان رابطو رکڻ آهي. تنهنڪري سندس پيغام ڪنهن خاص طبقي لاءِ نه هوندو آهي. اديب رڳو عوام ڏانهن منهن ڪري لکندو آهي. جيڪڏهن ڪو خاص طبقو سنڌ جي اديب وٽ نظر ۾ رهيو به آهي ته اهو هاريءَ ۽ پورهيت جو، محنت ڪندڙ ۽ محبت ڪندڙ جو طبقو آهي. تنهن ڪانسواءِ، اسان سنڌي اديبن جي روايت هوندي به غيب تي ايمان آڻڻ واري آهي. حاضر تي اسانجو عقيدو ئي ڪونهي. سنڌي اديب پنهنجي شهر ۾، پنهنجي گهر ۾، پنهنجي ڪمري ۾ ويهي عوام جو عڪس جهٽيندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح عوام لاءِ لکندو آهي. ٻئي طرف، هوندي به انهن طبقن جي حياتي اسان وٽ باقي ٿوري وقت تائين رهڻي آهي. هاري زميندار تي ويو آهي، ۽ زميندار جاگيردار تيٺو آهي. جاگيردار وزير بڻيو آهي، وزير صدر ٿيڻ جي توقع رکي ٿو، ۽ صدر در بدر ٿي ويا آهن. وقت جي اها وڏي اٿل اچڻي آهي، جنهن ۾ هاري ۽ مزدور، شاگرد ۽ استاد، سڀني کي لڙهي نڪرڻو آهي. سڀني کي عوام مان خواص جو درجو بيشڪ ملڻو آهي. البت اديب ۽ شاعر جي باري ۾ تاريخ جي پهرئين ڏينهن ڪانوني اهو فيصلو نه ٿيو آهي ته سماج ۾ سندس درجو ڪهڙو آهي. جڏهن اها صورتحال هجي، تڏهن ڪنهن ڪان جيڪڏهن ائين پڇجي ته فلاڻي اديب يا شاعر جو ادب ۾ ڪهڙو درجو آهي، ته منهنجي خيال ۾ اها هن دور جي سڀ کان وڏي نالائقي

آھي. جنھن سماج ۾ عوام نہ ھجي، ۽ عوام اديب سان حاضر حال نہ ھجي، ان سماج ۾ اديب کان وڌو بدقسمت ۽ بدبخت ٻيو ڪير ٿيندو؟

طارق اشرف پنھنجيءَ ماھوار 'سھڻي' جي ھڪ صفحي تي والتيئر جو ھڪ ايمان افروز ڪلمو ھڻي ڇڏيو آھي، جنھن جو مقصد راءِ جي اظھار جي آزاديءَ جي ضمانت بابت آھي. مون ھڪ ڀيري 'مھراڻ' جي ڪنھن پرچي ۾، ۽ وري 'نئين زندگيءَ' ۾ ائين لکيو ھو تہ: جيڪڏھن انسانذات جي سموريءَ تاريخ ۾ انسان جي ڪروڙين نسلن جي ڪا فقط ھڪڙي حاصلات ڳڻائڻي ھجي، تہ اھا ٿيندي راءِ جي اظھار جي آزادي. راءِ جي اظھار جي آزادي جي انھيءَ حاصلات پويان، انسان جي سموري تاريخي جدوجھد آھي، جنھن ۾ بيشمار گمنام انسان، انيڪ جاندار ڪردار، ۽ سوين خيالي ڪردار شامل آھن، جيڪي مجموعي طرح ذھن ۽ خيال جي آزاديءَ جا مجسما رھيا آھن. سائنس تہ ائين ٿي چوي ٿي تہ دنيا جي ھر ڪا شي مادو آھي، ۽ ائين بہ چوي ٿي تہ مادو ڪڏھن بہ فنا نٿو ٿئي. مادو پنھنجو روپ مٽائي ٿو. سبق پڙھائيندي اھو مثال سيڪاريو ھئاؤن تہ ميڻ بتي ٻري گئس ٿي وڃي ٿي. اھا ڀل تہ نہ ڏسجي، پر ميڻ بتي جيڪا ظاھري طرح فنا ٿي ويئي، سا اسانجي ئي آسپاس، پنھنجي ٻئي روپ ۾ موجود آھي. پاڻي، مٽي، ھر شي جي فنا ۽ بقا جو اھو ئي سلسلو آھي. سو، ھيءَ دنيا جيڪا اڄ اسين ڏسون ٿا، سا ضرور گذريل ڪروڙين انسانن جي محنت جو، خيال ۽ تصور جو روپ ئي آھي. اديب جو ٻيو روپ، سندس تخليق آھي. ھو پنھنجي جسم کي ڳاري ۽ ڳڪاري، انکي خيالن ۽ لفظن جو جيڪو قالب ڏئي ٿو، اھو ئي سندس ٻيو روپ آھي. ڪير چوندو تہ اديب يا فنڪار مري ٿو؟ ھو ڪتابن جي صورت ۾، شعر ۽ افساني جي صورت ۾، آواز ۽ آلاپ جي صورت ۾ رنگن ۽ مجسمن جي صورت ۾ ھتي ئي رھڻو آھي. ڪير آھي جيڪو انھيءَ آواز کي گرفت ۾ آڻي؟ ڪير آھي جيڪو سندس اظھار جي آزاديءَ تي پھرا لڳائي؟ ڪتاب تہ ڪيترائي اڄ بہ اسانجي اديبن جا بندش ھيٺ آھن. پر ڪير چوندو تہ انھنجو واس بہ دماغن مان نڪري ويندو؟ تڏھن تہ مون شروع ۾ چيو تہ اديب ۽ فنڪار جو ڪو طبقو ڪونھي. سندس درجيبنديءَ جو، سندس

مسعود نوراڻي

(پنجين قسط)

# ۴- مارچ ۱۹۶۷ع

يوسف تي ڪمشنر مسرور حسن خان جون اکيون ئي گهٽيون باهيون هيون. يوسف ٽالپر ڪرڪيٽ جو هڪ سٺو رانديگر هو. ۱۹۶۷ع ۾ ايم- سي- سيءَ جي ٽيم پاڪستان جي دوري تي آئي. حيدرآباد ۾ هڪ ميچ کيڏڻ جو پروگرام ٺاهيو ويو، پر جيڪا مقامي ٽيم چوندي وئي، تنهن ۾ مقامي رانديگرن کي گهٽي پاڳي نظرانداز ڪري، ڪراچي ۽ لاهور وغيره جي رانديگرن کي کنيو ويو. انتي يوسف ٽالپر ڪمشنر مسرور حسن خان، جيڪو ڊويزنل ڪرڪيٽ ايسوسيئيشن جو صدر به هو، تنهنجي خلاف بيان ڪڍيا ۽ مطالبو ڪيو ته ٽيم ۾ مقامي رانديگرن کي اوليت ڏني وڃي. ظاهر آهي ته يوسف ٽالپر سان مسرور کي ضد ٿي پيو. جنهنجي نتيجي ۾ هو يوسف کي ڇيهو رسائڻ جي پويان هو. ۱۹۶۷ع واري تحريڪ اڀري ته يوسف به ان ۾ شامل هو. مسرور ان موقعي کي هٿ مان وڃڻ نه ڏنو. نتيجي ۾ يوسف کي گرفتار ڪيو ويو. حالانڪ يوسف ٽالپر اڃان تحريڪ جي اڳواڻن جي لسٽ ۾ شامل نه ٿيو هو.

ساڳئي ڏينهن صبح جي وقت چام ساقي بخارا هوٽل ۾ پيٽ جي آگ اجهائڻ لاءِ گهڙيو. بيرو آيو ته کيس سنگل سالڻي ۽ کپل نان آڻڻ جو فرمان عطا ڪيائين. ۽ ڪجهه دير ڪانپوءِ چام مانيءَ کي جنبي ويو. هنکي محسوس ٿيو ته ڪير کيس گهوري رهيو آهي. وات هلائيندي هن ڪنڌ ورائي ڏٺو ته واقعي به اڻ واقف شخص هن ڏانهن ڪينه پرور نگاهن سان تڪي رهيا هئا. اڃان هو انهن ٻنهي کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪري رهيو هو، ته انهن مان هڪڙو چٽو اٿي هوٽل مان ٻاهر نڪري ويو. چام ڪلها چنبڙيندي وات ۾ پيل اڌ چٻاڙيل گره کي ڇپڻ لڳو. هوٽل جي ٻاهران ڪجهه شور ٿيو. چام ڏٺو ته جيڪو اجنبي ڪجهه دير اڳ هوٽل مان اٿي ويو هو، سو هينئر ڪجهه پوليس وارن سان گڏ هوٽل جي در تي بيٺو هو. ڪجهه

ره گذر پوليس کي هوٽل وٽ بيٺل ڏسي پاڻ به تماشو ڏسڻ لاءِ بيهي رهيا هئا. چام کي شديد خطري جو احساس ٿيو. پر هاڻ ڇا ٿي ٿي سگهيو. پاڻي مٿي کان گذري چڪو هو. حالات کان لاپرواهي ظاهر ڪندي هو ماس واري هڏيءَ مان گوشت کي ڏندن سان چنندو چباڙيندو رهيو. چام هڏيءَ کي هڪ پاسي اڇل ڏني. هڏيءَ جو ڪرڻ ۽ پوليس وارن جو جهپ ڏيڻ. چام جي ميز کي گهيري ۾ ورتو ويو.

”اسين تو کي گرفتار ٿا ڪريون.“ پوليس سان گڏ آيل صوبيدار چيس. ”ڪنهنجي حڪم سان؟“ چام مانيءَ مان هٿ ڇڪيندي ۽ مرڪندي چيو. ”وارنٽ ڪٿي آهي؟“ ”اڇهو وارنٽ!“ صوبيدار کيس وارنٽ ڏيکاريو. وارنٽ پڙهي چام هڪ فلڪ شگاف ٽهڪ ڏنو. ”هن ۾ ته چام ساقي لکيل آهي، پر منهنجو نالو ته محمد چام آهي.“ چام ڪل تي ڪنٽرول ڪندي چيو. ”ها، ها! گهڻو بچيو آهين. اٿي اسان سان هل، هاڻ ديگهه نه ڪر.“ ”ديگهه جو ڪهڙو سوال آهي. آءٌ ته هڪ صحيح ڳالهه ٿو ڪيان. آءٌ هتان هڪ انچ به نه سرندس، جيستائين وارنٽ ۾ محمد چام لکيل نه ڏسان.“ چام پڙ ڪيو بيٺو. ڪافي ڏکي بحث ڪانپوءِ هڪڙو پوليس جو ماڻهو ويو ۽ وڃي وارنٽ ۾ نالي کي درست ڪري آيو. ”هاڻ هل.“ چام کي وارنٽ ڏيکاريندي صوبيدار چيو. ”هاو“. چام جواب ڏنو.

چام جيئن ئي پوليس جي نرغي ۾ هوٽل کان ٻاهر نڪتو، ته پٺيان رڙ ٿي، ”صاحب کھانے کا بل تو دیتے جاؤ.“ چام پويان نهاريو ته ڏنائين ته هوٽل جو اهو بيرو جنهن کيس ماني آڻي ڏني هئي بيٺو هو. ”بل ڏيوس زي.“ چام صوبدار کي چيو، ”نه ته آءٌ ٿو هلان.“ نيٺ بل به صوبيدار جي کيسيءَ ۾ پيو. چام کي گرفتار ڪري ڊي- آء- جي آفيس ۾ آندو ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ يوسف ٽالپر کي به ساڳئي ڪمري ۾ آندو ويو. چام، يوسف ٽالپر کي ڏسي نفرت کان پنهنجو ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو. هنکي شڪ هو ته يوسف ٽالپر به سي- آء- ڊيءَ جو ماڻهو آهي. پر جڏهن يوسف ٻڌايس ته هو خود ڪمشنر جي عتاب جو اسير آهي، ته چام ڍرو ٿيو. ڪچهري ڪندي هو هڪ ٻئي سان ڪجهه گهرا ٿيا، ته چام يوسف ٽالپر کي چيو، ”يار مونوٽ ڪجهه رات وارا پمفليٽ پيل آهن. اهي ڪٿي لڪايون؟“ ”ڏس هيئن ڪر، پيشاب جي بهاني سان ڪاڪوس ۾ وڃي اهي پمفليٽ

آتي ڦاڙي اڇلائي اچ." "واهه جي ڳالهه ڪيئي." چام خوش ٿيندي چيو. هو اٿيو، پر افسوس هن سان گڏ به پوليس وارا به هليا ۽ ڪيس اهي پمفليٽ ڦاڙي اڇلائڻ جو موقعو ڪونه مليو. مايوس ٿي هو وري يوسف ٽالپر وٽ موٽي آيو. نيٺ موقعو ڏسي جيئن ئي پوليس وارا ڪمري کان ٿورو پري ٿيا، چام يڪدم پمفليٽ جو ٿهو ڪڍي ماچيس جي تيلي ٻاري انهنکي باهه ڏني. پر مصيبت اها ٿي جو پمفليٽ جهجها هئا، انهن سڀني کي باهه لڳي ته آفيس ۾ وڏو مچ ٿي ويو. اها ويڌن ڏسي چام چڪرائجي ويو. پوليس وارا ڊوڙندا آيا. چام يڪدم پنهنجن بوٽن سان باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. مٿان پوليس وارا اچي پهتا، "ڇا ٿيو؟ ڪيئن باهه لڳي؟" هنن حيرت مان پڇيو. "ڪجهه ڪونهي. مون پيل ۾ سگريٽ جو ٽوٽو اڇلايو، ته وڃي پٽ تي پيل پنن تي ڪريو. اسانکي ڳالهين ۾ خبر ئي ڪونه پئي ۽ باهه لڳي وئي." چام پيشانيءَ تان پگهر جا ڦڙا اگهندي ڳالهه ٺاهي. پوليس وارا اڌ سڙيل پمفليٽن جي ڍير تي شڪي نگاهن سان ڏسي بي يقينيءَ جي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيندا رهجي ويا.

چام جو واسطو نعپ وارن سان هو. پهريائين نعپ وارن چوٿين مارچ واري واقعي جي مخالفت ڪئي هئي، نتيجي ۾ چام، حسن عليءَ کي ڪامورا شاهيءَ جو ايجنٽ سڏيندو رهيو. هن يوسف لغاريءَ سان حسن عليءَ جي خلاف تحريڪ هلائڻ جون ڳالهيون به ڪيون هيون. خود مونسان به هن ان زماني ۾ جيڪا گفتگو ڪئي هئي، تنهنجو اختصار هي آهي ته: هن اسانجو ساٿ ڪونه ڏنو. الٽو پنهنجن بيانن ۽ حرڪتن سان مخالف ڌر جا هٿ مضبوط ڪيا. مون به چام کي ڪافي سمجهايو هو، پر بقول حفيظ قريشيءَ جي: 'سڄي خرابي ڪيپسولن جي هئي.' پوءِ جڏهن نعپ جي مقامي رهنمائن باقر شاهه، ڊاڪٽر اعزاز نظير، پروفيسر جمال، محمود الحق عثماني وارن ڏٺو ته چوٿين مارچ واري تحريڪ عوامي رنگ ۾ رڱجي چڪي آهي، ته ان تحريڪ کي پنهنجي جماعت جي مفاد لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ چام، نذير، عنايت ڪشميري، هدايت ۽ مير ٽيٻي کي موڪليو، ته شاگردن ۾ گهڙي وڃن ۽ تحرڪ کي سندن ڪوڙن، فضول ۽ مڪروهه نظرين ۽ اصولن تي ٺهڪي ايندڙ رخ ڏانهن موڙي ڇڏين. انهيءَ ڳالهه جا ڪئين نوس ثبوت مليا آهن، ته اهو پمفليٽ جنهنجي

ڀڄي ويا هئا. ٻين کي ان وقت تائين وانگوري ڄاڻ پئي هئي. پهريائين سڪندر عباسيءَ جي خبر لهندا هلون.

سڪندر عباسي حال احوال وٺڻ لاءِ يوسف ٽالپر جي گهر پهتو، ته کيس معلوم ٿيو ته يوسف سندس اچڻ کان اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي. سڪندر جا ڪن کڙا ٿيا. هو پنهنجي آفيس ڏانهن ڀڳو. هن سوچيو ته جيترو جلد ٿي سگهي آفيس مان موڪل وٺي ڪجهه ڏينهن لاءِ زمين دوز ٿي وڃجي. هونءَ به سڪندر عباسي پوليس جي نرغي مان نڪري وڃڻ ۽ زمين دوز ٿيڻ جي فن ۾ تاڪ آهي. اهو هن اڳتي هلي ثابت ڪيو. هو آفيس جي هڪڙي دروازي مان داخل ٿيو ته سندس نظر سامهون ٻئي دروازي تي پئي جتان پوليس داخل ٿي رهي هئي. سڪندر تيزيءَ سان پوئتي مڙيو، پر وري ترت ئي اندر ڏانهن ورتو پيس، ڇو جو ان پاسي کان به پوليس جي وين اچي بيٺي هئي ۽ ان مان پوليس لهي رهي هئي. سڪندر لاءِ ٻيو ڪو چارو ڪونه رهيو. سندس ذهن ڦڙتيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳو. پوليس ٻنهي دروازن مان داخل ٿيڻ لڳي، سڪندر جي خوشقسمتيءَ سان ڪنهن به کيس ڪونه سڃاتو. سڪندر ان موقعي کي غنيمت سمجهي نوڪرن جي ڪوارٽرن ڏانهن تڪڙو کسڪڻ لڳو. ڊڪيو ان ڪري ڪونه ته متان پوليس کي شڪ پئجي وڃي. سڪندر نوڪرن جي ڪوارٽرن مان نڪرندي هليو ويو.

بلڪل ساڳي وقت تي پوليس کي هوش آيو. هو نوڪرن جي ڪوارٽرن ڏانهن ڀڳا. "ماريو"، "پڪڙيو" جا نعرا بلند ٿيا. سيٽيون وڳيون پر پوليس کي سڪندر جي دز نه ڪانه ملي. هو پهريائين ڪراچي ويو، پوءِ ڪنهن دوست جي صلاح تي ڪوئٽيا هليو ويو. ڪوئٽيا ۾ هڪ دوست کيس ان وقت جي گورنر موسيٰ خان جي ڀاءُ عيسيٰ خان ڏانهن وٺي ويو. سڪندر، عيسيٰ خان سان وڃي مليو ۽ هنکي سربستو حال احوال ڏيڻ کانپوءِ چيائينس ته: جيئن ته مسرور حسن خان شاگردن سان زيادتيون ڪيون آهن، تنهنڪري هو موسيٰ خان کي سمجهائي ته مسرور حسن خان کي ڪا سٺي سيکت ڏي، ۽ ساڳي وقت شاگردن جي آزاديءَ جو حڪم ڏي.

عيسيٰ خان سڪندر کي خاطري ڏني ۽ چيو ته: هو ٻئي ڏينهن تي اچي. ان وچ ۾ هو پنهنجي ڀاءُ موسيٰ خان سان ان سلسلي ۾ فون تي ڳالهائيندو. سڪندر ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ اتان سيٽيون وڄائيندو هليو

آيو. ٻئي ڏينهن جڏهن هو وڏيون اميدون ۽ آسون کڻي عيسيٰ خان وٽ پهتو، ته عيسيٰ خان هڪ ڪنڌ ۾ وٺي ويو ۽ سُس ڦس ڪرڻ واري انداز ۾ چيائين ته: ”ديکھو بھئی، جو ايوب خان بولتا، وہی موسیٰ خان بولتا ہے، جو موسيٰ خان بولتا وہی مسرور حسن خان بولتا، جو مسرور حسن خان بولتا، وہی ہم بولتا ہے - تم بھی وہی بولو جو ہم بولتا ہے“- سڪندر حيدرآباد موٽي آيو، پر اڃان به زير زمين هو.

اڄ ستين مارچ جي صبح جو باقي رهيل ڪونڊرن سان ملڻ ۽ تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ حالات پٽاندڙ ڪو پروگرام ناهڻ لاءِ يونيورسٽي ڏانهن ٻي آيس، ته علي اڪبر بروهي واٽ تي مليو. هن مونکي گرفتارين جي باري ۾ تفصيل سان معلومات ڏني ۽ ٻڌايو ته يونيورسٽيءَ ۾ هاڻ رکو پوليس بيٺي آهي ۽ اوڏانهن وڃڻ خطري کان خالي ڪونهي. هن ٻڌايو ته منهنجي، مجيب ۽ ڪجهه ٻين شاگردن لاءِ وارنٽ نڪتل آهن. هنڪان وڌيڪ معلوم ٿيو ته مجيب ۽ رفيق صفيءَ وارا قبل از گرفتاري ضمانت ڪٽائڻ لاءِ سيشن ڪورٽ ڏانهن ويل آهن. آءٌ به سيشن ڪورٽ ڏانهن ويس، جتي مجيب ۽ رفيق صفي مليا. مرحوم محمد ميمڻ جي پڇا ڪئيسون ته ٻڌايو ويو ته هو اڳ ئي شاگردن جي ڪيس ۾ سخت مصروف آهي. ان وچ ۾ اسان ڏٺو ته ڪجهه مشڪوڪ قسم جا ماڻهو جيڪي اسانکي سي- آءِ- ڊي جا پي لڳا، ڪورٽ ۾ گهڙي آيا. هنن اسانکي پنهنجي نظر ۾ رکيو. اسانجي هڪ هڪ حرڪت تي هنن جي نگاه هئي. پر بهرحال اسانکي پڪ هئي ته ڪورٽ ۾ گرفتار ڪونه ٿينداسون، جو اسانکي خبر هئي ته ڪورٽ ۾ ڪنهن به ڏوهاريءَ کي پوليس گرفتار نٿي ڪري سگهي. اڃان اسين ٺيٺي پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري رهيا هئاسون ته چپا ڪجي، ته امان الله عباسي وڪيل ڪورٽ ۾ داخل ٿيو. هن اسانکي سڃاتو ۽ اسانوٽ آيو. هن ٻڌايو ته اسان تي ڊفينس آف پاڪستان رولز ۾ وارنٽ نڪتل آهن، تنهنڪري سيشن مان ضمانت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. مون مجيب سان صلاح ڪئي ته پنهنجو پاڻکي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪجي يا نڪري هلجي ۽ ڪجهه ڏينهن زمين دوز ٿي وڃجي. نيٺ پوئين ڳالهه تي متفق ٿياسون. ڇو جو اسان سوچيو ته جيل کان ٻاهر رهي ڪجهه نه ڪجهه ڪري

سگھبو. اسانجي جيل وچڻ ڪانپوءِ ڪير هو جو تحريڪ کي سنڀالي سگھي؟ زمين دوز ٿيڻ جو فيصلو ڪري اسان ٽڙي پکڙي وڃڻ لاءِ اٿياسين. سي- آءِ- ڊي وارن شايد اسانجي ارادن کي تاڙي ورتو. ڪجھه سي- آءِ- ڊيءَ وارا جيڪي سادن ڪپڙن ۾ هئا. ڪورٽ ڪان ٻاهر هليا ويا. شايد پوليس جو بندوبست ڪرڻ ويا هئا. هڪ سي- آءِ- ڊي وارو وري بہ ڪورٽ ۾ موجود هو. ڪورٽ مان نڪرڻ جا ٣ رستا هئا. اسان وڏي دروازي کي ڇڏي، پاسن وارن دروازن کي منتخب ڪيو. رفيق صفي هڪڙي دروازي ڪان گوهي ڏني، آءٌ ۽ مجيب ٻئي دروازي مان نڪري وياسين. سي- آءِ- ڊي وارو مُنجهي پيو. ڪنهنجي پويان وڃي! نيٺ هن رفيق صفيءَ کي درگذر ڪري اسانجو پيڇو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ايتري دير ۾ اسين ڪورٽ جي ٻاهرين احاطي جي ننڍي ديوار تائين پهچي وياسين. ڪجھه شاگرد اسانکي سهڪندو ڏسي اسانڏانهن وڌيا. مون انهنکي پري ڪان رڙ ڪري چيو: سي- آءِ- ڊي وارن جي خبر لهو. اها ڳالهه ٻڌي سي- آءِ- ڊي واري کي اڳتي وڌڻ جي همت ڪانہ ٿي. مجيب ۽ آءٌ برانگ ورآئي، ننڍڙي پٽ کي ٽپي وياسين. آءٌ ٻاهبي بيڪري واري پاسي ڏانهن وڌيس تہ مجيب ٿڌي سڙڪ ڏانهن ڊڪيو. مون پنهنجي پويان ڪئين ڊڪندڙ قدمن جو آواز ٻڌو، مڙي ڏٺم تہ قربان پنوهر ۽ اشفاق ميمڻ هئا. انهن ٻنهي منهنجو سٺو ساٿ ڏنو. ڪوٽڙي اسٽيشن تائين مونسان گڏ آيا. اشفاق وڃي ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ وٺي آيو. ڇو جو مون ڪراچي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. مجيب ڪورٽ جي پٽ ٽپڻ مهل مونکي چيو هو تہ: آءٌ هن سان ڪراچيءَ ۾ سندس بنگلي تي ملان، جتي آئنده لاءِ ستاءُ رٿي ويندي. گاڏي آئي تہ آءٌ هڪ ٽرڊ ڪلاس جي ڊبي ۾ گھڙي ويس. قربان پنهور وارا منهنجي لاءِ هڪ ڪنڊ ۾ سيٽ حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. آءٌ اتي ويهي رهيس. مون پنهنجي عينڪ لاهي ڇڏي. ڇو جو مونکي خبر هئي تہ عينڪ لاهڻ سان منهنجو حليو ٿي بدلجي ويندو آهي. هونءَ بہ اڃان سي- آءِ- ڊي وارا اسانجي شڪلين ڪان واقف ڪونہ هئا، جو اسان اڃان تازو سياست ۾ پير پاتو هو. اشفاق ۽ قربان وارا گاڏي هلڻ تائين مونسان گڏ هئا. گاڏيءَ وسل هنئي تہ موڪلائي لهي ويا. ڪراچي پهچي، جيڪو پهريون ڪم ڪيم اهو مجيب

پيرزادي جي بنگلي جي تلاش. مونوٽ سندس ايڊريس ضرور ھئي، پر بنگلي ڳولڻ ۾ ڏاڍي دقت ٿي. نيٺ بنگلو مليو، پر مجيب نہ مليو. ھڪ نوڪر نڪري آيو، مون ھنڪان مجيب جي باري ۾ پڇيو، پر ھو ڪو صحيح ڏس نہ ڏيئي سگھيو. البت چيائين تہ: سندس وڏو ڀاءُ حفيظ پيرزادو ۽ عبدالستار پيرزادو موجود آھن. مون انھن سان ملڻ جي خواھش ظاھر ڪئي. ھو مونکي بنگلي ۾ اندر وٺي ويو. مونکي ورانڊي ۾ ويھاري پاڻ حفيظ پيرزادي کي منھنجي اچڻ جو اطلاع ڏيڻ ھلڻ ويو. مون ھنڪي چٽڪيءَ تي پنھنجو نالو وغيره لکي ڏنو ھو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ حفيظ پيرزادو ٻاھر نڪري آيو. بنا ڪنھن عليڪ سليڪ جي چيائين، ”اوھان مسعود نوراني آھيو؟ ڇو آيا آھيو!“ ”آءٌ مجيب سان ملڻ آيو آھيان.“ ”ڇو؟“ ”انڪري جو ھن مونسان ھتي ملڻ جو واعدو ڪيو ھو.“ ھڪ ڊگھي ’ھون‘ ڪري حفيظ بنگلي جي لان ۾ لھي ويو. ڪجھہ دير اتي پسار ڪندو رھيو. وري موٽي ورانڊي ۾ چڙھي آيو. ”سچوئيشن ڏاڍي خراب آھي. اوھان تي ۽ مجيب تي وارنٽ آھن. ڪجھہ ڏينھن لاءِ خاموش ٿي وڃو، نہ تہ ڏاڍا خراب نتيجا نڪرندا. ايوب خان ۽ موسيٰ خان ٻئي اوھانجي خلاف آھن. اجا وڌيڪ گرفتاريون ٿينديون. ڊفينس آف پاڪستان رولز ھنيا اٿن، احتياط کان ڪم وٺڻ جي ضرورت آھي.“ پيرزادي صاحب ورانڊي ۾ بہ پسار جاري رکندي چيو. ”سڀ ٺيڪ آھي، پر مجيب ڪٿي آھي؟“ مون ڳالھہ کي ٽاريندي چيو، ”مجيب ڪونھي، مجيب ھتي آيو ئي ڪونھي. تو کي جيڪڏھن خبر ھجي تہ پاڻ اسانکي ٻڌاءِ!“ ھن الٽو مونکان سوال ڪيو. آءٌ خاموش رھيس. ”مون محمد ميمڻ کان فون تي حال احوال ورتو آھي. ھو شاگردن جي ضمانت لاءِ ڪوشش ڪري پيو. جيڪڏھن سيشن ضمانت جي درخواست رد ڪئي تہ اسين ھتي ھاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏينداسين.“ حفيظ پيرزادي ٻڌايو، ”بھرحال ڪجھہ ٿڌا ٿيو، حالات خراب آھن.“ ھن صلاح ڏني. آءٌ ھنڪان موڪلائي ھليو آيس. بنگلي جي گيٽ تي اھو ساڳيو نوڪر بيٺو ھو، جنھن اندر بنگلي ۾ منھنجي رھنمائي ڪئي. ”استاد، ڳالھہ ٻڌ، سچ ٻڌاءِ تہ، مجيب ھتي آيو ھو يا نہ؟“ ھڪ گھڙيءَ لاءِ ھو مونڏانھن ھمدرديءَ ۾ ٻڏل نگاھن سان ڏسندو رھيو، وري ھيڏانھن ھوڏانھن نھاري آھستي چيائين،

”ها سائين مجيب آيو هو، وڏي صاحب کيس ٻاهر نڪرڻ کان منع ڪئي آهي. ڪنهنکي ٻہ مجيب سان ملڻ نٿو ڏنو وڃي.“ ”اطلاع ڏيڻ جي مهرباني.“ مون هنجي پٺي ٿپريندي چيو، ”مجيب سان ملين تہ منهنجا سلام ڏجينس.“ آءٌ اتان مايوس موٽي آيس. مجيب سرڪار جي جيل کان ٻچي ماڻهن جي قيد خاني ۾ قابو ٿي چڪو هو.

آءٌ اين اي ڊي ڪاليج جي ميناارام هاسٽل پهتس، جتي عاشق ميمڻ (هينئر انجنيئر) وٽ ڪجهہ وقت گذاريم. اتي ئي رفيق صفيءَ سان ملاقات ٿي. هو بہ روپوش ٿيڻ جي خيال کان ڪراچي آيو هو، پر پوءِ کيس جڏهن خبر پئي تہ سندس خلاف وارنٽ ڪونهي، تہ پنهنجي اباڻي گهر سکر هليو ويو. شام جو مون بہ عاشق ميمڻ جو ڪمرو ڇڏي ڏنو. مون محسوس ڪيو تہ سي آءِ ڊيءَ کي ڪجهہ ڀڙڪ پئجي وئي آهي. مون ڪجهہ مشڪوڪ ماڻهن کي هاسٽل جي ٻاهران ڦرندو ڏٺو هو. اتان نڪري ڏاڍو پريشان ٿيس. ڪو آستانو ۽ ٺڪاڻو ڪونہ هو، جتي پناه وٺان. کيسي ۾ ايترو پيسو ڪونہ هو، جو ڪنهن هوٽل ۾ گذارو ڪري سگهجي. نيٺ بندر روڊ جي هڪ فٽ پاٿ تي انهيءَ فڪر ۾ غلطان ويٺو هوس، تہ منهنجي پر مان لنگهندڙ هڪڙي شخص ڪنهن ٽيڪسيءَ کي هٿ ڏنو، پر ٽيڪسي نہ بيٺي. هن خارن ۾ ٽيڪسيءَ واري کي ٻہ ٽي گاريون سنڌيءَ ۾ وهائي ڪڍيون. مون ڇرڪ ڀري هن ڏانهن نهاريو. مونکي سندس شڪل ڪجهہ سڃاتل لڳي. ساڳئي گهڙيءَ هن بہ مون ڏانهن ڏٺو. هو مونڏانهن وڌي آيو ۽ چيائين، ”ادا، اوهانکي مون شايد اڳ ۾ حيدرآباد ۾ ڪٿي ڏٺو آهي! منهنجو نالو انور علي شاه آهي، مون هن سال ڪيمسٽريءَ ۾ ايمايس سي ڪئي آهي، هتي سائيٽ ۾ نوڪري ڪندو آهيان. اوهان ٻڌائي سگهندؤ تہ ڄامشوري واري واقعي جو ڇا ٿيو؟ سنڌي شاگرد تہ خيريت سان آهن نہ؟ مون ٻڌو آهي تہ ڪجهہ شاگرد شهيد ٿي ويا آهن! ڇا اهو سچ آهي؟“ هو هڪ ئي وقت ۾ ڪئين سوال ڪري ويو. مون هن سان جڏهن پنهنجو تعارف ڪرايو تہ هو مونکي ڇهتي پيو، ”منهنجي گهر هل، اتي هلي رهہ.“ هنجي درخواست ۾ قُرب جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو هو. انڌي کي گهرجي ٻہ اکيون. مونکي نہ فقط اجهو ٿي مليو، پر هڪ سڄڻ ملي ويو هو. انور شاه مونکي پنهنجي فليٽ تي وٺي آيو، جتي ٻہ

دوستن سان ملاقات ٿي، انهن مان هڪڙي جو نالو غلام محمد ميمڻ (ايم ايس هي) هالا وارو ياد پوي ٿو، ٻين جا نالا وسري ويا اٿم. اتي آءٌ ٽيرهن ڏينهن رهيو پيو هوس. صبح جو بس تي چڙهي شهر ويندو هوس. انهن ٽيرهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جو ڪهڙو ڪاليج هو جتي آءٌ نه ويو هوندس. هر ڪنهن يونين جي نمائندن سان مليس. هنن کي مسرور حسن خان جي ظلمن جا داستان ٻڌايم ۽ سنڌ جي شاگردن جي لاءِ مدد طلب ڪيم. پر ڏٺم ته هنن مسرور حسن خان جي نالي ٻڌڻ سان ئي منهن چپا ٿي ڪيا. هنن اهو بهانو ڪيو، ته ڪراچيءَ جا شاگرد خود انتشار جو شڪار آهن. پر مون محسوس ڪيو ته سنڌي شاگردن جي حمايت نه ڪرڻ جو سبب سندن داخلي انتشار نه، پر اهو اندروني تعصب، ڪينو ۽ ساڙ هو، جيڪو هو هندستان مان پاڻ سان گڏ کڻي آيا هئا. جڏهن ڪراچيءَ جا ٻارنهن شاگرد شهربدر ڪيا ويا هئا، ته حيدرآباد جي شاگردن وڏي ڪشاده دليءَ سان هنن کي پنهنجي سيني سان لڳايو هو، سندن مدد ڪئي هئي، سندن مطالبن جي حمايت ۾ اسٽرائيڪ ڪئي هئي ۽ جلوس ڪڍيا هئا. پر هي ڪراچيءَ جا شاگرد نام نهاد انقلابي، ڪوڙا ڪميونسٽ، ڪوڙا مسلمان، ڪوڙا پاڪستاني هيڏي ساري وهلور ۽ خوني واقعي تي خاموش هئا ۽ مختلف بهانا بنائي مونکي ٽارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. نيٺ ٽيرهن ڏينهن جي مسلسل ناڪاميءَ سبب جڏهن مون ڏٺو ته ڪراچيءَ جي شاگردن مان ڪو ڪڙ تيل ڪونه ٿو نڪري، ته منهنجي دل کٽي ٿي پئي. ٻئي پاسي منهنجو کيسو به آهستي آهستي خالي ٿيندو ٿي ويو. رکو حيدرآباد موٽڻ جو ڀاڙو بچيو هو. پنهنجن محسنن کان امداد وٺڻ گوارا نه ڪيم، جو انهن اڳ ۾ ئي مونتي ڪافي احسان ڪيا هئا. پاڻ وٽ پناه ڏيئي خود گرفتاريءَ جو خطرو مٿي تي کنيائون. ٻيو ته مون وٽ پائڻ لاءِ ڪپڙن جو فقط اهو جوڙو هو جيڪو تن تي هو. ٽيرهن ڏينهن مسلسل ساڳيا ڪپڙا پائڻ ڪري جيڪا ڪپڙن جي حالت ٿي، سا مونکي ئي خبر آهي. پوءِ الاهي ڪٿان اچي خارش جي بيماري لڳي، جنهن رهيل سهيل ڪثر پوري ڪري ڇڏي. مٿين مڙنئي سببن جي ڪري آءٌ دل تي ڪجهه رهڻن جا اڻمٽجندڙ نشان کڻي حيدرآباد ڏانهن وريس. ڪراچيءَ ۾ سعيد راشديءَ سان ملاقاتون به ٿيون، پر ڪو به عملي پروگرام نه ٺهي سگهيو.

حيدرآباد ۾ ڪنهن طريقي سان اشفاق ميمڻ ۽ قربان پنوهر سان رابطو قائم ڪيم، اهڙيءَ ريت پنهنجي شاگردن سان به مليس. هنن کي مون ڪنهن حد تائين وري منظم ڪيو. اهڙيءَ ريت جو گهٽ ۾ گهٽ سندن ڪجهه اخباري بيان شايع ٿيڻ لڳا. مون به پنهنجي نالي تي ڪجهه بيان ڪڍيا ۽ شاگردن جي آزادي وغيره جو مطالبو ڪيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ شهر ۾ ٻاهر به نڪرڻ لڳس. پر ڪابه وٺ پڪڙ ڪانه ٿي. مونکي پڪ ٿيڻ لڳي ته سي- آءِ- ڊي وارا مونکي نالي مان ته سڃاڻين ٿا، پر شڪل مان ڪونه ٿا سڃاڻين. آءٌ بنا ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي شهر جي گهٽين ۽ رستن جا چڪر هڻڻ لڳس ۽ هڪ دفعو وري شاگردن جو منتشر ٿيل شيرازو گڏ ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويس.

ان قصي کي اتي ڇڏي، آءٌ انهن وڪيلن جو ذڪر ڪيان ٿو جن قانوني محاذ تي پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي شاگردن جي مدد ڪئي ۽ پاڻ ملهايو. حقيقت ۾ اهي وڪيل به ٤- مارچ جي سورمن ۾ شامل ٿين ٿا. ڇو جو شاگرد گهٽائي ۾ هئا ۽ انهنکي هڪ ٻئي جو سهارو ۽ آٿت هئي، پر انهن چند آڱرين تي ڳڻڻ جيترن وڪيلن کي ايوب شاهيءَ جي عروج جي زماني ۾ ڪنهنجو آسرو هو! ان لحاظ کان انهن وڪيلن جي همت ۽ استقلال ۽ قربانين کي وسارڻ هڪ عظيم گناه ٿيندو. هنن واقعي ٤- مارچ ۾ هڪ تاريخي ڪردار ادا ڪيو هو.

٥- مارچ ١٩٦٧ع جي صبح جو مرحوم محمد ميمڻ وڪيل (شل هنتي هميشه رحمت وسي) حيدرآباد بار روم ۾ گهڙي آيو. سندس مُنهون پڪوڙيل هيون. هنجي چڙهيل ساه ۽ اکين جي ڳاڙهاڻ سان ظاهر هو ته هو تمام غصي ۽ جوش جي حالت ۾ آهي. پر بار روم ۾ ويٺل ٻيا وڪيل سندس حالت کان بي خبر حسب معمول ڪچهريءَ ۾ مشغول هئا. محمد ميمڻ بار روم جي وچ ۾ اچي بيٺو.
”اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن.“ هن پوري قوت سان دانهن ڪندي چيو. بار روم ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. ڪنيل ڪوپ وڃي ساسرن سان لڳا. سڀني جو ڌيان محمد ميمڻ مرحوم ڏانهن ڇڪجي ويو.
”اسانجي ٻچن کي ڪٽيو اٿن.“ محمد ميمڻ وري ورجايو. هن دفعي

سندس آواز ۾ ڪجهه وڌيڪ تڙپ هئي. هو ٻوڏان مڙيو ۽ آسمان ڏانهن ٻئي ٻانهون مٿي ڪندي دردناڪ آواز ۾ ٽيون دفعو چيائين، ”اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن.“ ائين چئي هو ٻئي هٿ منهن تي رکي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو. سندس سڏڪا بار روم جي فضا ۾ پکڙجي ويا. وڪيل ڪيس وڪوڙي ويا. ”ڇا ڳالهه آهي؟ ڇا ٿيو! ڪنهن اسانجي ٻچن کي ماريو آهي؟“ هر طرف کان تجسس آميز سوالن جي بارش ٿيڻ لڳي. اوچتو محمد ميمڻ پنهنجو ڳوڙهن ۾ پڳل چهرو مٿي ڪيو ۽ خلا ۾ نهاريندي، پرعزم نموني ۾ چيائين، ”اسانجي گهر ۾ اچي اسانجي ٻچن کي ماريو اٿن. اسين سندن مقابلو ڪنداسين.“ سندس چهري جا گهنج ڪجهه وڌيڪ گهرا ٿي ويا هئا.

مرحوم ميمڻ، وڪيلن کي سچي حقيقت ٻڌائي ته ڪيئن نه ڪمشنر شاگردن سان قهر ڪري چڙيا آهن. جونتا ته اها ڳالهه ٻڌي اٽڪل ۱۰۷ وڪيلن جو هڪ ڪٽڪ سيشن ڪورٽ ۾ ڪاهي پيو. شاگردن جي ضمانت تي رهائي لاءِ سڀ وڪيلن ضمانت جي درخواست تي صحيح ڪئي. جن مان مرحوم محمد ميمڻ، رسول بخش پليجو، حميد سنڌي، امان الله عباسي، غلام حيدر ميمڻ ۽ محمد عثمان ابڙي وڪيلن جا نالا قابل ذڪر آهن. ايف. آءِ. آر نه هئڻ سبب ۷- تاريخ شنوائيءَ لاءِ رکي وئي. محسن عباسي انوقت حيدرآباد جو ڊي. پي. پي هو.

ان ساڳئي ڏينهن تي مرحوم محمد ميمڻ جي چوڻ تي امان الله عباسي فرسٽ ايڪسٽرا جوائنٽ سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ اويس صاحب جي عدالت ۾ ملٽري اسپتال تي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪيڻ جي درخواست ڏني. اويس صاحب هڪ انصاف پسند دلير جج هو. هن يڪدم تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍيا. اها ڳالهه عام هئي ته ڪئين شاگرد مارجي ويا آهن ۽ ڪيترن جا لاشا ملٽري اسپتال ۾ پهچايا ويا آهن. اهوئي سبب هو جو ان اسپتال جي تلاشيءَ جا وارنٽ ڪڍايا ويا هئا. امان الله عباسي ڪجهه شاگردن کي ساڻ ڪري ملٽري اسپتال ويو. اسپتال وارن کين لکي ڏنو ته، ’اسانوٽ نه ته ڪو لاش آيو آهي ۽ نه ئي ڪو شاگرد زخمي ٿي آيو آهي.‘

۷- تاريخ سيشن جج آغا حيدر عليءَ جي ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست تي محمد ميمڻ بحث ڪيو ۽ پنهنجا دلائل پيش ڪيا.

٨- تاريخ درخواست جو فيصلو ٿيو. ٢٠٧ شاگردن کي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم نامو جاري ڪيو ويو. شاگردن تي ٣٠٧/٣٤ ١٤٩، ١٤٨، ١٤٧ پ پ ڪ جا قلم لڳل هئا. ڪين تن ڪانوني ڏهن هزارن جي ضمانت تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو. ضمانت جي رقم لکها رپئين تائين پهچي وئي. هاڻ مسئلو اهو اچي پيدا ٿيو، ته ايترن لکن جي ضمانت ڪٽندو ڪير. شاگردن جا ٽولا پکڙجي ويا. ڪيترن ميرن پيرن وڏيرن ۽ زميندارن ڏانهن ويا، ته رکو هلي ضامن پئو، پر هاءِ ڙي سنڌي وڏيرا، پير ۽ مير! هو ڪن پڪڙي چوڻ لڳا، ”نه بابا، اسين انهنجا ضامن ڪيئن ٿا پئجي سگهون، جنهن سان ايوب خان جي دشمني هجي.“ اشفاق ميمڻ، مخدوم طالب المولي ڏانهن به ويو، پر هن صاحب ملاقات ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. عبدالحميد جتوئي ايم اين اي، جنهنجو ٻٽ لياقت جتوئي جيل ۾ هو، اهو پنهنجي پٽ ۽ ڪجهه ٻين دوستن جي ضمانت ڪرائي هليو ٿي ويو، ته اشفاق ميمڻ مٿان پهچي ويو. اشفاق ميمڻ هنکي درخواست ڪئي، ته ٻين جي به ضمانت ڪٽي، پر هن صاحب گهڻي دلچسپي ڪانه ڏيکاري. نيٺ مٿان ڪامل راڄپر پهچي ويو، جنهنجي اپيل تي جتوئي صاحب پنهنجا سڀ ڪاغذ سنڌس حوالي ڪري ڇڏيا. پر تنهن هوندي به فقط ڏهن شاگردن جي ضمانت ٿي سگهي. اهڙي آڏي وقت ۾ محمد عرس سمون (ٽنڊي ولي محمد وارو) محمد صديق ميمڻ مرحوم (الحجاز گڊز ٽرانسپورٽ وارو) ۽ حاجي نجم الدين سريوال شاگردن لاءِ رحمت جا فرشتا بنجي آيا. محمد عرس سمون صاحب ١٢٥ شاگردن جو ضامن پيو. محمد صديق ميمڻ مرحوم ٥٠ ڇڻ جو ضامن پيو ۽ باقي رهيلن جو ضامن حاجي نجم الدين سريوال پيو. انهن ٽنهي صاحبن کي جس هجي. اهڙي آمرانه دور ۾ صاحب جائداد هئڻ جي باوجود، مسرور حسن خان جي مخالفت جي پرواه نه ڪري شاگردن جو ضامن پوڻ هڪ بي انتها بهادري ۽ حب الوطنيءَ جو ثبوت هو. مرحوم صديق ميمڻ جي باري ۾ چوندا ته جڏهن ڪجهه شاگرد هن وٽ پهتا ۽ سچو حال سربستو ڪري ٻڌايائونس، ته بي اختيار اٿيو ۽ پنهنجي سڄي ملڪيت جا ڪاغذ ڪڍي آڻي شاگردن جي اڳيان رکيائين. ”ڪڍو، اهي اٿو منهنجي سڄي ملڪيت جا ڪاغذ. جيترا به شاگرد آزاد ٿي سگهن وڃي ڪرايو.“

# تنقيد ۽ رايا

مان اوهانجي هن حق لاءِ سدائين وڙهندس،
تہ اوهين مون سان اختلاف راءِ ڪري سگهو.
— والتيئر.

تون پنهنجن ايڊيٽوريلن جي رنگ ڍنگ سبب زبردست مڙس ماڻهو ٿي پيو آهين، ايتريقدر جو چڱا چوکا مڙس تنهنجي آڏو ڇامڙا پيا لڳن. تون جيڪي ڪجهہ چوڻ چاهين ٿو، لکڻ چاهين ٿو، لکين ٿو. پنهنجن خيالن جي اظهار ۾ ڪڏهن بہ مبهم نظر نٿو اچين. اهڙي ارهہ زورائيءَ لاءِ جگر گهرجي. مان سمجهان ٿو، تو ڪنهن جوڏي جو جگر پنهنجي هنياءَ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. مان جتي تنهنجي صاف گوئيءَ جو اعتراف ڪريان ٿو، اُتي تنهنجي سياسي خيالن ۽ نظرين سان اختلاف بہ ڪريان ٿو. سيپٽمبر واري ايڊيٽوريل ۾ تو بنگلہ ديش جي وجود ۾ اچڻ جي پڳ مُلن جي مٿي تي ٻڌي رکي ڇڏي آهي. بنگلہ ديش باضابطہ، مڪمل، ۽ ڀرپور سياسي تحريڪ سبب وجود ۾ آيو آهي. بنگلہ ديش جي وجود لاءِ بنگالين ٢١ سال جدوجهد ڪئي آهي. هنن ١٩٥١ع کان ٽيگور جي ڪويتائن ۾ رت جو ريٽو رنگ ملائڻ شروع ڪيو، ۽ ١٩٧١ع ۾ دنيا ڏٺو تہ بنگلہ ديش جي ندين ۾ پاڻيءَ بدران رت وهي رهيو هو. ١٩٧١ع ۾ بنگلہ ديش جي ڌرتيءَ مان جيڪي سِلا اُپريا، انهن ۾ وطن پرست جوڌن جي رت جي لالاڻ هئي. پيارا، ٽڪ مُلن جي ڪهڙي مجال آهي جو ڪنهن ملڪ کي وجود ۾ آڻي سگهن. بنگلہ ديش لاءِ بنگال جي اديب، شاگرد، هاريءَ، مزدور، پورهيت، ڊاڪٽر، انجنيئر، ڪلارڪ، ٻنگي ۽ حجم مِلي جُلي ڪم ڪيو آهي. هنن پنهنجي رت جو پنهنجي ديس کي نذرانو ڏنو آهي. بنگالين پنهنجي بيمثال قربانيءَ سان ١٩٦٧ع واري انڊونيشيا ۾ ڪميونسٽن جي قتل عام کي ٻئي نمبر جي حيثيت ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي. بينگالين جي تهذيب ۽ تمدن کي مغربي پاڪستان جا سفيد فام ڪارا حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا. مغربي پاڪستان جي ايشيائي سامراجين غريب، ۽ ڏتڙيل بنگاليءَ کي واپار ۽ ڪارخانن جي جار ۾ ڦاسائي سندس جان، مال، ۽ ملڪ جا مالڪ ٿي ويٺا. مغربي پاڪستان جا سامراجي ٽٽون، دولت ۽ طاقت جي

پڙهندڙ ۽ هڪ دوست جي حيثيت ۾، مان توکي عرض ڪريان ٿو، ته تنهنجي ايڊيٽوريل ۾ هر دفعي سنڌ جي ازلي دشمن سان سياسي جنگ جوٽڻ جو ذڪر ضرور هئڻ گهرجي. هينئر مونکي 'احمد سليم' جي خط جي باري ۾ ڪجهه چوڻو آهي. هن چوٽ ۾ منهنجي مٿان الزام رکي، (ته مان پنهنجي هر ڪهاڻيءَ ۾ پنجابي عورت کي زندي ڏيکاريندو آهيان.) مونکي نصيحت ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه چوڻو اٿم. مان بنيادي ۽ نظرياتي طرح سنڌ جي ترقي پسند اديبن جي گروهه جو هڪ ساٿي آهيان. مونکي خبر آهي ته ٻن قومن جي سياسي ڪشمڪش ۾، هڪٻئي جي عورتن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ سان ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيندو آهي. ١٩٧٠ع ۾ ذليل آمريڪي سامراجين ويٽنام جي عظيم رهبر هوچي منهه کي بدنام ڪرڻ لاءِ گارين سان ڀريل هڪ فحش ڪتاب Diary of Ho Chi Minh's daughter ڇپرايو هو. ڪو نتيجو نه نڪتو. اٿلندو آمريڪا کي خوب گاريون مليون. احمد سليم کي گهربو هو ته هو پنهنجي الزام سان گڏ منهنجين ڪهاڻين جا حوالا به ڏئي ها. مان سمجهان ٿو، منهنجي هڪ ڪهاڻي احمد سليم جي ذهن ۾ ويهجي ويئي آهي، جنهن ۾ مرڪزي ڪردار هڪ پنجابڻ وئشا جو آهي. اها ڪهاڻي ١٩٦٨ع ۾ 'هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ'، جي عنوان سان 'روح رهاڻ' رسالي جي سالنامي ۾ شايع ٿي ٿي هئي. اها ڪهاڻي ايوبي آمريت جي ڪامورن کي پسند نه آئي، ۽ هنن ان ڪهاڻيءَ جي ڪري روح رهاڻ جي سالنامي تي بندش وجهي ڇڏي هئي. ان ڪهاڻيءَ جي پنجابڻ وئشا کي انسانيت جي اعليٰ قدرن مطابق پيش ڪيو ويو آهي. مونکي خبر آهي ته هڪ پنجابڻ کي گهٽ وڌ ڳالهائي، مان سنڌ جي ناسور تي ٻهو رکي نه سگهندس. پنجابي جاگيردار، سرمائيدار ۽ رٽائرڊ فوجيءَ سنڌ سان جيڪي ويل وهايا آهن، جيڪي ڪلور ڪيا آهن. سي هڪ عورت کي گارين ڏيڻ سان ختم ٿي نٿا سگهن. پنجابي ڪاموري سنڌين سان جيڪي نا انصافيون ۽ حق تلفيون ڪيون آهن، انهن جو عيوض هڪ عورت جي عزت ناهي. پنجابي عدليه ۽ پوليس سنڌين تي جيڪي ظلم ڪيا آهن، تنجو بدلو هڪ معصوم ۽ مظلوم عورت کان هر گز وٺي نٿو سگهجي. مان پنهنجي ذهن ۾ هر مسئلي تي بلڪل واضح آهيان. منهنجا نظريا مبهم ناهن. اسن پرمار، قرمار ۽ 'وڏي پاءِ'

# سنڌين لاءِ سهوليت

..نڌي ياڻر، حيدرآباد شهر ۾ سئي گيس جي گهرو ۽ ڪمرشل
..نگ لاءِ 'انڊس گئس' جي منظور ڪيل سنڌي ڪانٽريڪٽر
..ون خدمتون حاصل ڪري سگهن ٿا.

انهيءَ کان علاوه برنرس وغيره جي سروس لاءِ پڻ اسانجون
..دمتون حاصل ڪريو.

لکپڙهه لاءِ، يا روبرو ملو:

## پروگريسو ٽريڊرس

### ڪانٽريڪٽر ۽ انجنيئر

٢٥-ٽ- سيالن جو پاڙو،
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ

---

# ..ٽيءَ جي نون خريدارن لاءِ خاص رعايت

..ار 'سهڻي' جي نون خريدارن لاءِ فقط هڪ مهيني (آڪٽوبر) لاءِ
..ِ رعايت ڪئي وئي آهي. ماهوار سهڻيءَ جو گذريل پرچي کان سال
چندو -/٢٠ رپيا ٿي ويو آهي، پر فقط هڪ مهيني لاءِ نون خريدارن
سال لاءِ چندو -/١٥ رپيا ونبو. آڪٽوبر ۾ ئي خريدار ٿي،
..ن جي بچت ڪريو، ۽ گهر ويٺي سهڻي حاصل ڪريو.

ماهوار

## سُهڻي

الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

'سنڌ سجاڳ' مخزن سنڌ جي سجاڳيءَ لاءِ ڪڍجي ٿي.

'سنڌ سجاڳ' مخزن جو ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان تعلق نه هوندو

'سنڌ سجاڳ' مخزن ذريعي سنڌ ۽ فقط سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪبي

# هفتيوار سنڌ سجاڳ مخزن

ق اشرف ۽ مسعود نوراني جي زير ادارت شايع ٿيندي.

قاضي فيض محمد، عبدالحليم بروهي، نظير شيخ،
خير محمد قريشي، منور احمد ميمڻ، ۽
احمد سليم (ڪنوينر پنجابي ادبي سنگت، لاهور)
هن مخزن جا مستقل صلاحڪار هوندا.

سنڌي اديبن، شاگردن ۽ سنڌي قوم پرستن کي گهرجي ته
سهڻي پبليڪيشن جي سهاري هيٺ تمام جلد شايع ٿيندڙ هفتيوار
'سنڌ سجاڳ' جي مالي مدد ڪري پنهنجي قوم پرستيءَ
جو ثبوت ڏين.

جيڪڏهن هڪ سنڌي هڪ رپيو به مدد طور ڏي،
ته هوند هڪ ڪروڙ رپيا گڏ ٿي سگهن ٿا.

اوهانجو هڪ رپيو قوم جي قسمت بدلائي سگهي ٿو.

جلد کان جلد هفتيوار 'سنڌ سجاڳ' جي مالي
مدد ڪري جلد کان جلد پنهنجا حق وٺو -

امداد هيٺين ايڊريس تي مني آرڊر، چيڪ يا روبرو پيش ڪري
رسيد وٺي سگهو ٿا.

سنڌ سجاڳ
معرفت ماهوار سهڻي
الهندو ڪچو، حيدرآباد، سنڌ

ز ۽
اخبارن
سي هاڻي
اڳندو.